# اِشاعت جو ايڪٽيهون سال


Sahit ain Kala ji **RACHNA**

Editor : Lakhmi Khilani

ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا - ١٢٢

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

في انڪ : ٢٠ رپيا

**Price Rs. 20/=**

**Annual Subscription Rs. 100/=**

**Life Subscription Rs. 1000/=**

پارت کان ٻاهر :

٥٠ يو. ايس. ڊالر

**Year-31** سال : ٣١

**Vol-122** اَنڪ : ١٢٢

**(April - June 2009)**

اَپريل - جون ٢٠٠٩

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

**P.O.Box-10, Adipur (Kutch) 370205**

Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org




## سلسلو


اَسانجي طرفان ٢؛ شرڌانجلي -شيام جئسنگهاڻي/ اندرا واسواڻي ٧؛ گيت ۽ غزل/ اَرجن حاسد ١١؛ غزل/ اَياز گل ١٣؛ غزل/ واسديو موهي ١٥؛ غزل/ اَرجن سڪايل ١٧؛ غزل/ جئرام ديپ 'چمناڻي' ١٩؛ ڪوتا-ڪمند، تنها، چوٰڪرا/ گهنشيام ساگر ٢٠؛ ڪوتا/ گوپ عزيز ٢٢؛ غزل-وقت نہ آهي، منهنجي نگاهن ۾ تون آهين، ڪنهن کي سپني ۾ پيار نہ ڪر/ لڇمڻ چيلاڻي ٢٥؛ غزل/ ٿارو سي. گرناڻي ٢٦؛ هِڪ سٽا، ڪوتا/ گيتا بندراڻي ٢٧؛ واقفيت ٢٨؛ غزل/ لڇمڻ ڊُبي ٢٩؛ رچنا ١٢١ جي رونمائيءَ جا فوٽا ٣٤؛ شرڌانجلي -قمر شهباز ٣٥؛ ڪهاڻي -١ - ڪارا ماڻهو/ قمر شهباز ٣٦؛ ڪهاڻي -٢ - گهنجيل چهرا/ قمر شهباز ٤٠؛ ڇٽاپيٽيءَ جي ٽيون نمبر ڪهاڻي -مخالفت ٤٤؛ ڇٽاپيٽيءَ جي ٽيون نمبر ڪهاڻي -سوال پسنديءَ جو ٤٩؛ ڇٽاپيٽيءَ جي ٽيون نمبر ڪهاڻي - منهنجو پاس ورڊ گم ٿي ويو آهي ٥٤؛ تبصرو / اَرجن حاسد ٥٨؛ توهان طرفان ٦٧؛




برک سنڌي ڪهاڻيڪار، ناول نويس نقادءِ اخبار نويس شري لعل پشپ (جنم : ١-١-١٩٣٥) جي ديهانت (٢٩-٣-٢٠٠٩)

۽



برک سنڌي ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ شاعر جناب قمر شهباز (جنم : ١٣-٤-١٩٣٨) جي ديهانت (٧-٥-٢٠٠٩) تي اسين سندن ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

اَسانجي طرفان

# تعليم جو مقصد
(Purpose of Education)

ڀارت جي آزاديءَ بعد گذريل ٻاهٺ سالن ۾ ديس جو تعليمي سرشتو (اِنڊين پينل ڪوڊ جيان) ساڳيو ئي جهونو مدي خارج هلندو ٿو اَچي، جيڪو برٽش سرڪار ٻه سوَ سال اڳ لارڊ مئڪالي جي تجويز ڪيل رٿا مطابق، پنهنجو راڄ ڪاروبار هلائڻ لاءِ، لکن جي تعداد ۾ اَنگريزي ڄاڻندڙ ڪلارڪ پيدا ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو هو. هن يوجنا هيٺ اِسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين جي ڪارخانن ۾ گهربل وشيشتائن (Specification) وارا ملازم، سرڪار جي ڏنل مال جي آرڊر تي وڏي تعداد (Mass Scale) ۾ ٺپي ٺاهي، جدا جدا محڪمن کي سپلاءِ ٿيڻ لڳا. هڪجهڙي ڇهري، هڪجهڙي لباس، هڪجهڙي سوچ، وهنوارَ واٽيءَ واري اها غلام ذهنيت واري نوڪرشاهي (Bureaucracy)، گورن افسرن جي چاپلوسيءَ ۾ هنن جي پنيان پنيان 'ييس سر! ييس سر!!' ڍُهرائيندي، پُڇ لوڏيندي، فيتاشاهيءَ واري سندن سرڪاري نظام جي بيلگاڏيءَ کي، اَکين تي پها ٻڌل ڍورن ڍڳن جيان ڇڪڻ لڳي.

اڄ ٻه سرڪاري دفترن لاءِ ساڳيا ئي پڇ لوڏو ڪلارڪ، افسر، تيار ڪرڻ وارو اهو تعليمي رشتو هلندو ٿو اَچي. رڳو سندن آقائن جو رنگ، ويس ۽ زبان بدلي آهي. 'ييس سر!' جي جڳهه 'جي حضور!' ورتي آهي. اڄ ٻه سکيا جا اهي ڪارخانا، ڪلارڪن ۽ افسرن سان گڏ، انجنيرَ، ڊاڪٽر، بزنيس مئنيجر، ڪمپيوٽر ماهر ٻه گهربل وشيشتائن وارا وڏي تعداد ۾ تيار ڪري رهيا آهن. اُهي وڏي اگهه تي ايڪسپورٽ ٻه ٿين ٿا. ملٽي نئشنل ڪمپنيون اُنهن تي نيلامي ٻولي لڳائي، پنهنجا

شاهي اُديوگ هلائڻ لاءِ هڪ موٽر جيان، ڪين پنهنجي مشيني ڏانچي ۾ دائمي طور فٽ ڪري ڇڏين ٿيون.

اَڳ ڏور ڏڳو بڻجي سرشتي جي بيل گاڏي چڪيندڙ، اَڄ مشين بڻجي سرشتي جو جيٽ جهاز هلائيندڙ هن ماڻهوءَ جو اَڳ ڏيهي ٻوليءَ مان ڪم ٽپي ويندو هو پر اَڄ جي مشيني يگ ۾ هن انٽرنئشنل پائلٽ لاءِ ڪنٽرول ٽاور سان ڪميونيڪيٽ ڪرڻ لاءِ اَنگريزيءَ جو علم لازمي آهي. هن تعليمي سرشتي جو مقصد ڪلهه ۽ اَڄ اهو ساڳيو ئي رهيو آهي. شخص کي زندگيءَ جي جدا جدا ڪيترن جو علم ڏيئي ڪيس ماهر بڻائڻ، جيئن هو روٽي روزي ڪمائي پنهنجو پيٽ پالي سگهي. هن تعليمي سرشتي کي Utilitarian سڏي سگهجيٿو، جيئن ته اهو شخص کي ٻاهريون هنر سيکاري (Teach ڪري) هڪ ڪمائتي مشين/ جانور (Commodity) ۾ تبديل ڪري ڇڏيٿو. اِهي پراڏين ٻين جي اِشاري تي هلندا آهن، اُنهن کي پنهنجي سود سوچڻ ويچارڻ، فيصلو وٺڻ، عمل ڪرڻ جي آزادي نه هوندي آهي. نه ئي ڪجهه نئون، اَڏيت، اَڻڇاتل، خلقڻ واري سرجڻ شڪتي (Creative Faculty)، جنهن ذريعي هرڪو شخص پنهنجي اصلوڪي خلقيل ڪرتيءَ ۾ پنهنجي صورت پسي، پاڻ کي سڃاڻي سگهندو آهي. پنهنجي سود آتم نرير تي، هڪ فرد (Being) هئڻ جو آنند ماڻي سگهندو آهي.

Teaching جي هن موجوده Utiliterian سرشتي ۾ ماسٽر شاگردن جي ڪوريءَ سليٽ يا پٽيءَ واري ذهن ۾ اَڳواٽ طئه ٿيل پانيه ڪرم Curriculum/Syllabus زوريءَ ٺونسي پيري ٿو. شاگردن کي پنهنجي نوٽبوڪ تي اهو نقل ڪري لکڻو آهي، جيڪو ماسٽر بلئڪ بورڊ تي لکيو آهي. ٽيچر جي پنيان پنيان ’با... با.... بلئڪ شيپ‘ اُچاري، سڀ سبق طوطي جيان رٽي امتحان ۾ پيپر تي اوڳاري اَچڻا آهن. جيڪي ڪجهه ماسٽر ڪلاس ۾ چويٿو يا جيڪي ڪجهه درسي ڪتابن ۾ لکيل آهي، اُن کي اکيون ٻوٽي صحيح مڃڻو آهي. پنهنجو دماغ هلائي،

اجايا سجايا سوال جواب نہ ڪرڻا آهن، نہ ئي اُن تي ڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪري رد قد ڏيڻو آهي. ڪوت ڪوت ڪري، پڇ پڇ ڪرڻ (Inquisiteveness) وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي، جنهن لاءِ ماستر شاگرد کي بئنچ تي بيهارڻ يا مرغو بڻائڻ جي سزا ڏيئي سگهي ٿو. هرهڪ شاگرد لاءِ پنهنجي ڪلاس ٽيچر کان سندس گهر وڃي ٽيوشن وٺڻ لازمي آهي، ٻيءَ حالت ۾ هو ڪيس فيل ڪري مٿين ڪلاس ۾ وڃڻ کان روڪي سگهي ٿو.

اڄ جي هن ماديت پرستيءَ واري يگ ۾ اِنسان جي زندگيءَ جو واحد مقصد گهٽي کان گهٽو پئسو ڪمائڻ ۽ اُن پئسي ذريعي سرير جا سک خريد ڪري، موجون ماڻڻ ئي وڃي رهيو آهي. انسان جي زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جي ڪٽ سندس ڪمايل ناڻي سان ڪئي ٿي وڃي. تعليم اَڄ پئسي ڪمائڻ جو ساڌن يا ذريعو بڻجي ويئي آهي. ان ڪري ماءُ پيءُ اولاد جي تعليم تي لکن جي سيڙپ ڪن ٿا. ڊونيشن ڏيئي انگريزي ماڊيم وارن مشنري/پبلڪ اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا وٺن ٿا. لکن روپين جي Capitation في ڀري خانگي انجنيرنگ، ميڊيڪل، بزنيس مئنيجمينٽ يا ڪامپيوٽرن وارن آءِ. ٽي. ڪاليجن ۾ کين ڀرتي ڪرائين ٿا. ۽ اَجا وڏي خرچ تي فارين يونيورسٽيءَ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ائميريڪا، آسٽريليا موڪلين ٿا. جڏهن سندن اولاد ملٽي نئشنل ڪمپنين ۾ هر مهني لکن جو پئڪيج هٽ ڪري وڏي عهدي تي رسي ٿو، تڏهن اولاد جي ايڏي وڏي ڪاميابي ڏسي، کين پنهنجي ڪيل اها سيڙپ سڦلي نظر اَچيتي. هو فخر سان سيني کي ٻڌائين ٿا 'منهنجو پٽ اڄ ائميريڪا ۾ هر مهني ۾ ايترو ٿو ڪمائي، جيترو مون سڄي عمر ۾ نہ ڪمايو هو.'

اَهڙن اَبوجهہ معصوم انسانن کي ان حقيقت جو ڪو احساس ئي ڪونهي تہ ڌاري ڌرتيءَ تي، ڌارين جي غلامي ڪندي، ڌاري ٻولي، ڌاري پوشاڪ، ڌاريو کاڌو کائڻ واري مصنوعي زندگي گهاريندي، سندس اولاد زندگيءَ جا بيحد اَنمول سال ڪنهن اونداهي غفا ۾ ٻوڙڻ جيان

بلئڪ آئوٽ يا ڪوما واري ذهني نسچلتا (Inertia) ۾ گذاري ڇڏيا آهن. ان اسٿتيءَ ۾ پئسي جو حساب ڪتاب ڪرڻ وارو سندن ذهن تہ چست هوندو آهي، پر پاڻ سڃاڻڻ واري سرجڻ شڪتي بلڪل نِستي، سُست ٿي ويندي آهي. هو پاڻ کان ڌاريا بڻجي ويندا آهن.

Teaching ذريعي ٻاهريون علم ڏيئي شاگردن کي هن سنسار جو هڪ ڪمائو پٽ بڻائڻ جي برعڪس سکيا جو هڪ ٻيو مقصد آهي، جيڪو ئي در اصل صحيح تز آهي. اُن سکيا لاءِ انگريزيءَ ۾ To Teach بجاءِ To educate لفظ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ان لئٽن ڌاتوءَ واري لفظ جي معنيٰ آهي 'ٻاهر آڻڻ'، جيئن کوهہ مان بالٽيءَ ذريعي پاڻي ٻاهر آڻبو آهي. هر شاگرد جي اندر ڄائي ڄم کان ڪي لڪل تخليقي قوتون موجود آهن. Educator شاگردن کي پنهنجون اهي سرجناتمڪ صلاحيتون سڃاڻڻ ۽ ٻاهر آڻڻ ۾ مدد ڪريٿو. پوءِ ڪانئن سادنا/رياض ڪرائي، پنهنجي اِن من پسند ڪرت (Labour of Love) ۾ رنپائي، ڪين پربيڻتا جي درجي تي پهچائيٿو. انهن شاگردن مان وڏي هوندي ڪو تيندلڪر، تہ ڪو وشونات آنند، تہ ڪو پنڪج آڏواڻي، تہ ڪو اي. ڪي. رحمان، تہ ڪو اپنو بندرا، تہ ڪا سانيا مرزا ٿي بڻجي. ان ڪري صحيح سکيا، شخص کي پنهنجي سود سوچ ويچار ڪرڻ، پاڻ بابت فيصلو وٺڻ، پنهنجي من مطابق ڪِرت چوندڻ، اُن ۾ پربيڻ بڻجي آنند ماڻڻ جي مڪمل آزادي ٿي عطا ڪري (Freedom is Choice).

هت اهو واضع ڪرڻ ضروري آهي تہ انگريزي ۽ ٻيون وديسي ڀاشائون سکڻ ۾ ڪا اربع خطا ڪانهي. اُهي نہ رڳو ماڻهوءَ کي پيٽ پالڻ لاءِ، روٽي روزي ڪمائڻ ۾ مدد ٿيون ڪن، بلڪ سڄي دنيا جا در دريون کولي اُتي هرروز ٿيندڙ چرپر جو بہ ڪيس علم ٿيون ڏين.

اَلبت پنهنجي ماترڀاشا جي قيمت تي اَنگريزي اپنائڻ سان ماڻهوءَ کي وڏو هاڃو رسيٿو . اِهو هڪ طرح سان ماڻهوءَ جو ذهني آپگهات

آهي، ڇو تہ ڀاشا رڳو ڪميونيڪيشن جو واهڻ ناهي. هر انسان جي ماترڀاشا ان جي هزارن سالن جي سانسڪرتڪ ورثي سان واڳيل آهي. پنهنجي ماترڀاشا هڪ طرح سان Collective unconsciousness of the race آهي جنهن ۾ ان جاتيءَ جي سڀاڻپ سمايل آهي. پنهنجي ماترڀاشا جي پاڙن ذريعي هزارن سالن جي اها ڏاهپ/اندر جي سوجهي ڪجهہ نئون اصلوڪو سرجڻ/خلقڻ (Original thinking) لاءِ خوراڪ ميسر ڪري ٿي. ۽ پنهنجي مخصوص ڪلچر کي بہ ايندڙ پيڙهين لاءِ محفوظ رکيتي. ٻيءَ حالت ۾ پنهنجي ڀاشا سان گڏ اها جاتي بہ صفحي هستيءَ تان گم ٿي ويندي.

انگريزن جي ٻن سوَ سالن واري غلاميءَ واري دؤر ۾ ڀارت ۾ رڳو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اعليٰ دماغ، مفڪر، سائنسدان پيدا ٿيا. مهاتما گانڌي، رابندرناٿ ٽئگور، جڳديش چندر بوس، سي. وي. رمڻ ۽ رامانجن جهڙا، اهي سڀ جا سڀ پنهنجي پنهنجي ماترڀاشا جي پيدائش هئا. سنسار جي سطح تي اصلوڪيءَ سوچ وارا وگياني رچناڪار، مفڪر، شيڪسپيئر، بيٿووين، نيوٽن، آئينسٽائين، پڪاسو، ستيہ جيت ري، پنهنجي ديس، جاتي، ۽ ماترڀاشا جي ماحول ۾ پليا نپنيا ۽ اُتان ئي اُسري ڪاميابيءَ جي شکر تي پهتا.

سنڌي جاتيءَ ۾ بہ اسان وٽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، راجرشي ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند، ساڌو نولراءِ، ساڌو واسواڻي، ڀڳت ڪنوررام، نارايڻ شيام جهڙا مثال موجود آهن، جيڪي پنهنجي ماءُ جي گود ۾ پليا نپنيا ۽ پنهنجي سنڌوءَ جي ٿڃ پي وڏا ٿيا.

هن ليک جو سمورو تاتپرج شاهہ صاحب جي هن بيت ۾ سمايل آهي.

جي فارسي (انگريزي) سکيو، گولو توءِ غلام
جو ٻڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪئن جائي جام؟
اُڃيو تان آب گهري، بکيو تان طعام
اي عامُن سندو عام، خاصُن منجهان نہ ٿئي.

شرڌانجلي / اِندرا واسواڻي



# شيام جئسنگھاڻي

شيام جو فون اَچڻ بند ٿي ويو آهي. نہ تہ ٻئي چوٿين ڏينهن ڪنهن بہ وقت سندس فون ايندو هو. ديدي منهنجو يار ڪٿي آهي؟ آواز ۾ سڪ سنيهہ. جي چونديسانس تہ ملير ويو آهي تہ خوب کلندو. ڪيس خبر آهي تہ هريش جو لکڻ پڙهڻ گهڻو ملير ۾ ئي ٿيندو آهي. جي هريش سان ڳالهائيندو، تہ، هريش مان بهادر آهيان مان هار ڪونہ کائيندس. پنهنجا سڀ ڪم پورا ڪندس.

مونسان ڳالهائيندو تہ 'اِندو ديدي، مان تون وٽ ايندس، ضرور ايندس. ڪچڙي ۽ سائي ڀاڄي اَچي کائيندس. ديدي تون ڪيئن آهين. سدائين خوش هجو.' 'شيام تون بہ سدائين خوش هوندين.' مان چوندس ۽ پوءِ سندس بہ ٿي وڃا ٿڪ.

سندس طبيعت جي گهڻي خراب هوندي ۽ فون نہ کڻي سگهندو تہ سندس ننڍو ڀاءُ ٻڌائيندو تہ شيام ٺيڪ ڪونهي. فون تي no reply معنيٰ يا فون کڻي نٿي سگهيو يا ڪڏهن ڪڏهن اسپتال ۾admit. ٽي ڏينهن لڳاتار فون ڪيم. جواب ئي نہ.

ديدي سپاڻي مان ساهتڪ بينڪ ۾ ويندس پنهنجي دوست سان گڏ ٽئڪسيءَ ۾ ويندس. جڏهن بہ اَهڙي قسم جو پروگرام ٺهندو هئس تہ ڏاڍو خوش هوندو هو.

اِندو ديدي، تون ڪيئن آهين؟ شيام هڪ دفعو آپريشن ڪرائڻ کان پوءِ مونکان پڇيو، تن ڏينهين چڱي تڪليف هئم. چيومانس

شيام ڏاڍو سور اَٺم. ’ڪِليو‘ پر اُن ڪِل مونکي وڏو سبق سيکاريو. تہ هر اِنسان جي پيڙا اُن جي پنهنجي هوندي آهي. جيڪا ڪيس ئي پوڳڻي پوندي آهي. سچ ٿو چوين شيام! توکان ڪنهن تنهنجون تڪليفون ورتيون آهن ڇا؟

شيام، سڄڻن جو سڄڻ. ڪنهن جو بہ دشمن نہ! هري موٽواڻيءَ جي سڄي ڪٽنب سان ڏاڍو پيار هئس. گهر جا ننڍا وڏا ٻاتي ڪيس ڏاڍو چاهيندا هئا. جيستائين ٻار ننڍا هئا تہ هڪ ڪلهي تي، ٻيو هنج ۾، تہ ڪو ڳوڏي تي. بس اَنڪل، اَنڪل، ۽ شيام ٻارن سان خوش. هري موٽواڻيءَ کي چوندو هو ڊئڊي ۽ وشنو ڀاڀيءَ کي بيبوُ. شيام ڪڏهن ڪنهن جي ڳلا ڪونہ ڪندو هو، ڪنهن لاءِ رمارڪ ڪونہ ڪندو هو، نہ ئي ڪڏهن اِنعامن بابت ڪجهہ چيائين.

ٽن چئن سيمينارن تي مون اِها ڳالهہ بخوبي مارڪ ڪئي تہ شيام کي ٻين جي اون رهندي هئي. ڪنهن چانهہ پيتي؟ ماني سيني کاڌي. هوٽلن ۾، ڌرمشالائن ۾ سيني کي روم مليو. جڏهن سڀ ٿانئيڪا ٿيندا تڏهن وڃي پاڻ سمهندو پر ٻئي ڏينهن صبح جو ٻڌائيندو تہ ڪيئن سڄي رات مڇرن سندس ننڊ حرام ڪئي.

هڪ دفعو ڀوپال ۾ رات جي ماني وقت تي نہ ملي. ڪافي دير هوندي بہ شيام چڳن چڱن کي هڪ ڍاٻي تي وٺي هليو، جن ۾ مان، ڪملا، سندس ننڍي ڀيڻ، لڇمڻ ڪومل ۽ ڪي ٻيا هئا.

آديپور ۾ سيمينار تي جڏهن آيو تہ سندس طبيعت ٺيڪ ڪونہ هئي. پروفيسر ڪيس اِسٽيشن تي وٺڻ ويو تہ هلي اَسانجي گهر رهي. پر ڪيس پدم شرما جي اون هئي. ٻئي گڏ آيا هئا. پر جيترو بہ وقت سيمينار مان ملندو هئس، شيام اَسان وٽ. پاڻ سان الڳ ٿيلهو دوائن جو کڻي هلندو هو.

شيام جو پنهنجي پتني ڪرن سان بيحد پيار هئو. مان بہ ڪرن سان بہ دفعا گڏي هئس. اِتفاقن هڪ دفعي هوءَ جڏهن تمام تندرست هئي ۽ ٻيو دفعو جڏهن هوءَ بستري داخل هئي. شيام سندس ڏاڍي

شيوا ڪئي. اُن جي وچڻ ڪانپوءِ شيام پڪي پيو. وقت گهرا زخم پيري چڙيندو آهي پر شيام جي ڪرن جي جدائيءَ جا زخم نہ پرجي سگهيا. شيام سيلاني، هر وقت سامان جو ٿيلهو تيار، پنيءَ سان ٻڌل پوءِ ڪڏهن پهاڙ تي، ڪڏهن ندين، گوٺا جي سمنڊ جا ڪنارا تہ ڪانگرا جون گهاٽيون. شايد هن ڪرن کي ڳولهيو پئي، هرهنڌ، هر پل.

شيام هڪ تمام سٺو ليکڪ ڪري مڃيو وڃي ٿو. هن سنڌي ساهتيہ کي تمام سٺيون ڪهاڻيون، شعر، ناٽڪ ۽ ناول ڏنا آهن. هن کي سندس ناٽڪن جي ڪتاب ’زلزلو‘ لاءِ ساهتيہ اڪادميءَ طرفان اِنعام پڻ مليو. جنهن ۾ هن زندگيءَ جي سچاين کي پڌري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هونئن جيڪر پاٺڪ کي اِهي نظر نہ اَچن ها، هن ناٽڪ جي پابندين جي بہ پوئواري ڪونہ ڪئي. شيام کي فوٽوگرافي ۽ چترڪلا جو بہ شوُنق هئو. هن ڪافي سٺا چتر ناهيا جيڪي ڪيترن ڪتابن جو سينگار بڻيا تہ سٺا فوٽوگرافس سندس لکڻين ۾. هو هڪ ٻهوگڻي ڪلاڪار هئو. سنڌيءَ ۾ اَهڙا ٻهوگڻي ڪلاڪار تمام گهٽ پيدا ٿيا آهن. مونکي ڊپ آهي ماڻهو سندس اِن روپ کي وساري نہ وهن.

شيام هن وقت آسان سان ڪونہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اِئين لڳندو آهي تہ ودائيءَ کان اڳ هو جيڪي بہ فون تي ڳالهائيندو هو، اُهوئي سندس سچو ۽ صحي روپ اَڳيان آٽي ٿو. زندگيءَ جي قطري لاءِ سنگهرش ڪندڙ، پر پنهنجي قدبت، وهنوار، عمل کان مٿي ڪلپنائن يا اِڇائن جي جار ۾ قاتل، هو جيڪي ڪجهہ چوندو هو، لڳندو هو تہ هو اِن چار مان پاڻ کي آزاد نٿو ڪري سگهي. هو هڪ پکيءَ وانگر مٿي ۽ مٿي اُڏامڻ چاهيندو هو. زندگيءَ پر جي اُڏام کان آجو نہ ٿي ٿي سگهيو. ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي اَچڻ نٿي چاهيائين، جڏهن ڪ هر پکي مرڻ ڪانپوءِ هيٺ ڌرتيءَ تي ڪرندو آهي.

سندس دل هڪ ڪهاڻي سيمينار ڪرڻ تي بہ هئي. هري همٿاڻيءَ جي ڇپايل سندس ڪتاب ’شيام جئسنگهاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون‘ کان پوءِ شيام جي ڪن تي کي پرلاءَ پيا هئا تہ ڪيترا ليکڪ اِن ئي

طرز تي پنھنجون ڪھاڻيون ڇپائڻ ٿا چاھين! ڇا، ائين ٿي سگھي ٿو ته ڪنھن ھڪ جي ڪاميابي ڪنھن ٻئي کي به اوترُوئي ڪاميابي ڏيندي؟

شيام پنھنجو آخرين ۽ ambitious ڪتاب جيڪو ھري ھمٿاڻيءَ وڏي ڪوشش سان ڇپايو آھي، اُھو ھريش ۽ مونکي پيٽ ڪيو آھي. ھريش کي ھن کھڙي ڪندڪان ڪيو ھوندو اُن تي منھنجي رد عمل جي ضرورت ڪونھي. اُھا ڪنھن وواد جو وشيه به نه ھجي پر ھن مونکي اُن سان گڏ رکي جي شيام اِھو ڪتاب مونکي به پيٽ ڪيو آھي، ته مان سمجھان ٿي ته اِن ڳالھه کي ٿورو ظاھر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته مونکي پڪ آھي ته ھي شري ۽ شريمتيءَ جي نالي سان ڪنھن نيندپتر جو سرو ناھي. مان اُميد ٿي ڪريان ته مونکي جوڙيندي شيام ضرور ڪو اَلڳ خيال رکيو ھوندو ۽ جيڪو خيال سچ پچ ھن رکيو آھي اُنکي مان مونتي ڪيل ھڪ نوازش ٿي سمجھان.

مونکي دير سان پنھنجي Parkinsons جي ڄاڻ پوڻ ڪانپوءِ پريم پرڪاش ٻڌايو ته اِھا شڪايت شيام کي به ھئي. اِن ڳالھه کي جي مان پاڻ سان لاڳو ڪيان ته اُن دؤران شيام سان ٽيليفون تي ٿيل گفتگو مان مونکي وڏو ٻل ملندو.

اِنسان ته ڇوڏاري رشتن ۾ گھيريل آھي. ڪي رشتا ٿيندا آھن جيڪي پنھنجي لاءِ ھڪ اَلڳ سڃاڻپ ڏيندا آھن. مان شايد اُن کي صحي نموني ظاھر نه ڪري سگھان پر اَھڙي وياڪيا کي ليکڪن ڪان وڌيڪ ڪير ڄاڻندو ھوندو!

ھري ھمٿاڻي گھڻو ڪري ناراڻ شيام جا ڪتاب پئي ڇپائيندو رھيو آھي. پر ھن ڪتاب ڇپائيندي ڪيس لڳو ته سنڌيءَ جا مشھور ساھتيڪار جن جو اِتفاق سان نالو به ساڳيو آھي، ھري گويا پنھنجي سود اِھو ڪتاب ڇپائي اِھو اِشارو ڪيو آھي ته نظم ۾ جيڪا جڳھه ناراڻ شيام جي آھي، اُھا نثر ۾ شيام جئسنگھاڻيءَ جي آھي.

**THX-23**
**Adipur-Kutch - 370205**



# گيت / اَرجن حاسد

کين آهيون ڪنڌ جهڪائڻ وارا سنڌي
رهنداسين پاڻ پڏائڻ وارا سنڌي

١. پل پنهنجي ڪا ڌرتي ناهي
پر پنهنجي ڪا ٻولي آهي
لوليءَ کي ڪين ڀلائڻ وارا سنڌيِ
ڪين آهيون ڪنڌ.......

٢. پينگهي ۾ ماءُ لولي ڏني
تنهن ڏيندي ٻولي ماءُ ڏني
سا آهيون ڪين لڄائڻ وارا سنڌيِ
ڪين آهيون ڪنڌ.......

٣. جل جا تہ آسان سڀ پوڄاري
سنڌوُ تہ گهٽي آ ٻاجهاري
دولهہ جي جوت جلائڻ وارا سنڌيِ
ڪين آهيون ڪنڌ.......

٤. محنت ۾ تا وشواس رکون
تا عظمت جو احساسُ رکون
محفل ۾ رنگ جمائڻ وارا سنڌيِ
ڪين آهيون ڪنڌ.......

٥. ’نارايڻ شيام‘ جي چاهت سان
حاسد جي نماڻي صحبت سان
ٿينداسين فرض نڀائڻ وارا سنڌيِ
ڪين آهيون ڪنڌ.......

## غزل / اَرجن حاسد

بڻجي نہ اَنڌو گونگو سگهندس
تنهنجي مرضيءَ سان ڪئن هلندس

گستاخيون اَرڏايون مون ۾
چڙبينڊُس، رهندب بڻي ڇُپندس

مان برپٽ جهڙو ڏينهن تتل
واچوڙي وانگر پيو رلندس

ساراهہ ٻڌي خوش ٿو ٿين
الزام ڪو توتي پڻ هڻندس

مان سنهڙو سيپڪڙو ڪبڙو
تو جهڙا ڇيپاٽي وجهندس

ٻوُر آهيان، مهڪان ٽارين تي
ميوو بڻجي لڏندو رهندس

جي توکي ڪا جهوري لڳندي
آٿت ڏيندس، افسوس ڪندس

آواز مان ٻوڙو گهر گهر جو
حاسد جي رمزن کي ڏسندس

**68, Neel Kanth Society No.1**
**P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428**

# غزل/اَياز گل

-١-

رُڳو تي روھہ رُلائي، اکين جي دربدري!
ڪٿي تہ پنڌُ کُٽائي،اکين جي دَربدَري!

چتائي ڏِسجي تہ، ھي نيڻَ ڇڻ تہ ٿَرُ پاسِ
چڙھي تي سمنڊَ سُڪائي، اکين جي دَربدَري!

عجيب طورَ طريقا!!، سدا رکي وئي آ
ھوا ۾ دِيپَ جلائي، اکين جي دَربدَري!

ڪو دَرُ بہ کُلندو ڪڏھن؟، مُرڪَ جي صدا ايندي
پئي تي وقتُ وڃائي، اکين جي دَربدَري!

ڪڏھن تہ کھڙيون پُڇائون، ڪڏھن علاجَ گھڻا؟
ڪٿي تي سَچُ ٻُڌائي، اکين جي دَربدَري!

ٿَڪِڻَ جو نانءُ وني ئي نٿي، اَڃا تائين
پرينءَ جا پارَ پُڇائي، اکين جي دَربدَري!

-٢-

ھي غَمر گجگوڙ وانگي آ
ڪنھن ٻوڙان ٻوڙ وانگي آ

اوھان ناھيو حياتي پوءِ
ڏُڌڙ ۾ ڊوڙ وانگي آ

مُحبتَ، آرسي ۽ شَڪُ !
اُنھيءَ ۾ جوڙَ وانگي آ

اَسان جي دل، صفا سوگھي
پرين پنجوڙ وانگي آ

پُڇين ٿو : ’موتُ ڇا آھي؟‘
وِڇوڙي - موڙَ وانگي آ

ھو ساگر ۽ اَسانجي سِڪ
سنڌوءَ جي ڇوڙ وانگي آ

مِلڻ ھُن جو، کِلڻُ ھُن جو
غَمَن جي توڙَ وانگي آ.

# بيت

-٣-

سمجُهيم، مون کي، پيارَ کي، ڪيَن وِساريندين،
مون سوچيو ئي هو ڪٿي؟ ائين به ماريندين!
ريلَ ڳُڏاريندين، مُنهنِجن سوچُن جي مٿان!

سمجهي توکي اوپرو، ڦيري مُنهن وڃان،
پل حقيقت ئي سَهي، آخر ڪيئن مَڃان؟
تنهنجو دَرُ اَڃا، مون کان ڪٿي وِسريو!

خط ڪٽي آيا سندءِ، هٿِڙن جي سُرهاڻ،
ڇئُ ڪٽي سا هاڻِ، اِي-ميل مان ڪيئن اَچي؟

ڪيرُ سگهي ٿي ڪنهنجون، يادون ائين لَٿي؟
ڪيئن ڇڏيئه هڪ سَٽَ ۾، جيونَ-ڏور ڪٿي،
تو چو سِر مَٿي، سمجهيو سڀ ختم ٿيو!

تيز ڊُڪي ٿي ڪار ۽، تنهن کان تکڙا خيالَ؟
وِڇڙيا جي پَرُ سال، مِلندا؟ مِلندا ڪينکي!؟

راتِ ٿَري وئي آ مگر، ناهِن نينڊَ ٿَريا،
تُنهنجا خيالَ ڀَريا، آڳِ سِوا ڀيو ڇا هيو؟

-٤-

سچڻُ گُهرنديون رهيون اَڄ پڻ
اَکيوُن ڪُرنديون رهيون اَڄ پڻ

وِڇوڙي-ويلَ جون ڳالهيون
هِنئين هُرنديون رهيون اَڄ پڻ

ڪي يادون، اَجرڪَن وانگي
ذِهنُ ڇُرنديون رهيون اَڄ پڻ

نہ روڪيو ڪالهہَ ديوارُن!!
پِتيون پُرنديون رهيون اَڄ پڻ

عَجب خاموشيون دل جون!
ڪَنِين ٻُرنديون رهيون اَڄ پڻ.

**Bhutta Road,**
**Sukkur (Sindh)**



# غزل/واسديو موهي

- ا -

کو ڪٿي ماڻي نعمتون زنده
ڪنهنجون ڪنهن سان عداوتون زنده

دور تائين اُميد ڏسندين تون
رڻ ۾ پاڻيءَ جون عظمتون زنده

هلڪي جَهڪَ ۾ وڏو پنن جو ڍير
موسمن جون سِياستون زنده

بند شيشي ۾ ٿي مَڇي چمڪي
وقت، تنهنجون شرارتون زنده

ڪنهن قدم جي جَهلڪ پئي توتي
ٿي لڳين اڄ ته وات تون زنده

اک جي نفرت ڏکي، ڏنائين مُرڪ
دشمنيءَ جون شرافتون زنده

جئن ئي هٿ ۾ ڪنيم مِٽيءَ چاڻو
ڪيتريون اُپريون صورتون زنده

شيام، حاسد، ڪمل، هريش، هري
شاه تنهنجون اَمانتون زنده.

-٢-

مينهن وَسڻ وقت صرف سمنڊ پُسيو
ڪيت ننڊ ۾ به وِڦلندو ئي رهيو

مان رُڳو لفظ، ڪو ڪتاب ڪٿي
پو به خالي نظر سان ٿي تو تڪيو

ڳوٺ اُپ جي ٻئي طرف آهي
سڄ ٻڏي موڙ ڪي ماپيو

صبح جو ڪا گهڙو پرڻ ايندي
عمر پر ڪوهه جو ٻنو نه ٿيو

گهر اِئين ئي ته ٻڏجندو آهي
پاڻ ۾ روز پيت اَڏيندو ويو

بوند ئي بوند، ريت جو ڪڻ ڪڻ
اُڃ وانگر مليو، جڏهن به مليو.

**A-355, Nayan Nagar,**
**Sahijpur Bogha**
**Ahmedabad-382345**



# غزل/اَرجن سڪايل

- ا -

ڪاليج جي ڇبر تي ليٽي پئي پڙهيائين
ور ور پئي ڏنائين آهي ڪتاب ڪهڙو

منهنجو غزل سڪايل پڙهندي چيائين دل ۾
هيڪر وچي ڏسان هي آهي جناب ڪهڙو

جنهن عشق کي عبادت سمجهيو حيات ۾ آ
تنهن لئہ گناهہ ڪهڙو ٿيندو ثواب ڪهڙو

سامهون ڏسن تہ چهرو آنچل ڇِڪي ڇُپائِن
خوابن ۾ پر رهي ٿو تن جو حجاب ڪهڙو

ڪنهن خاص جي غلامي آهي ڪئي سِڪايل
مون ڪان مٿي ڀلا اچ هوندو نواب ڪهڙو.

- ٢ -

چڻ ڪلڪ تي بہ حملو لقوي جو ٿي ويو آ
سُلجهي نٿو قلم کان اسرار، ڪھڙي باعث

زخمي خيال آھن، بيھوش آ عبارت
اَڄ سوچ پيي لڳي ٿو بيمار ڪھڙي باعث

ھن ذات جي نہ ڪوئي ڪا ذات ٿو سڃاڻي
پيغمبري بہ ٿي وئي بيمار ڪھڙي باعث

دنيا جي رنگ ۾ اڄ، ڪي پينگ چو وجھن ٿا
پنھنجا ئي ٿا جلائن گھر بار ڪھڙي باعث

ڇھري جي گم ٿيڻ جو ڪر ڍونگ ڪين، شاعر!
گمراہ تنھنجو من آ ھر وار ڪھڙي باعث

دل جھڙي محل ۾ ٿو دعوت ڏيانءِ دل سان
اقرار ئي ڪري ڇڏ، اِنڪار ڪھڙي باعث.

**Bldg. No. 10, Sai Sadan,**
**Ratan Nagar,**
**Four Bunglows,**
**Andheri (W)**
**Mumbai-400053**



# غزل/جئرام ديپ ’چمناڻي‘

ليڪ ڪنهن جي نہ ڪٽڻ چاهي پيو،
ليڪ پنهنجي تي وڌڻ چاهي پيو.

۱. هو اصولن جو پڪو پختو آ،
قاعدو پنهنجو هلڻ چاهي پيو.

۲. خوشبو ڪيڏي بہ ڪشش ڪيس پئي،
واس ليڪن نہ وٺڻ چاهي پيو.

۳. روشني رات جو گهر ۾ آيس،
سا اَکين سان ئي ڇهڻ چاهي پيو.

۴. ڳل وٽن، ٽُڙ سان گسائي وينو،
ائن خوشي پاڻ وٺڻ چاهي پيو.

۵. چانو وڻ جي تہ تڏي تو ماڻي،
بس رُلڻ ڪان اِئن بچڻ چاهي پيو.

۶. ’ديپ‘ شيطان اَڳيان ڪين وهي،
اُن جو پاڇو نہ پسڻ چاهي پيو.

**Kamal Kunj, Bunglow No 20-A**
**Bunglow Area, Kubernagar,**
**Ahmedabad-382340**



## ڪوتا / گھنشيام ساگر

# ڪمند

ٻولي توڙي نَقاب
ٻگهلن ڪان وَٺندي
پاڻ کي ماکڙ ٻڌائي، اُڏامي مٿان آسمان مان
اَسين ڏسندا آهيون پوکيل لذيذ فصُلُ
ننڍي/وڏي/سرڪاري/غيرسرڪاري کيت ۾
هضم ڪرڻ جي هَوَس ۾
يڪدم پريندا آهيون چِرڪَ
پاڻ جهڙا ئي شڪاري حاضر هزارن ۾ ڏسندي اُتي،
ڪِيسن مان سمجهدار سمجهوتا ڪڍي
هڪ ٻئي سان ملائيندا آهيون هَٿ
کائيندا آهيون/پيئندا آهيون/ ماڻيندا آهيون
فصل جي لذت
ائين ڪندي اسانکي ڪداچِت
ڪونہ لڳندو آهي
تہ،
اِها آهي هڪ ڪمند جي لَٺِ
بہ ڇيڙا آهن
مِٺي رَسُ جا بہ ٿَڻ
جن تي اَلڳ الڳ ويهي
چوُسيندا آهيون اَمرت اَمرت
۽
ائين اَسان کي نہ لڳندو آهي
تہ
چوسيندي چوسيندي
آخر کهڙو ٿيندو حشر
اِن ڪمندجو.

## تنها/ گھنشيام ساگر

* نازڪ - جوکم سون جان، جيسين هوءَ آ ’ڏيءُ
* شيوا سياست کي ڦَڪيو، ڏِسجو هاڻ لقاءُ
* اُفق وَٽِ هوُ روز وِهي، شَفق سُڄاڻي کونہ
* ٻِڍپڻ ڏاکڻ اَنت جي، جوڀنُ هِڪَ شروعات
* ڪامُ -ڪُلِيلَ تهذِيب ٿيِ، چَوِنِ سونهن جو چيڪُ (cheque)
* شيوا سياست کي چکيو، ’نيتا‘ لال ڳِٽوُل
* لوهُہ ڪَٽيندو لوهہ کي، گھرَ ۾ تئن ’جئچندُ‘
* جوٽِ ٽُڪَرَ سان ماڻُ ڏي، ڪَميِٽو ميِزبانُ
* هَوَس تہ اَڄ نانگڻ اَنڌِي، ڏيءُ کي پوڳيو پيءُ
* اَبلِيس وَٽِ اِسٽاڪ (stock) ۾، کوڏِي قيمت منشُ

## چوُ اکرا/ گھنشيام ساگر

١. سياسي گنبنڌن
چَتيون لِباس

٢. چوندبِنِ مؤسَمَ
حرڪت حرفت

٣. رِشِتا ليکو
شَهرِي مَنُ

٤. بالِڪا بڌوُ
ٻُڍِي گُڏِي

٥. ناچوُ باندرُ
هَوسِي پُتلو

٦. پِڍا آشرم هڪ
آخري ويٽنگ روُم

٧. ڏرتي سِليٽ
اِنسان ٽُبڪو

٨. اُگھاڙي اَگربتِي
شَهرُ پوڃارِي

٩. گَرپُ ڪِرِپا
سونوگرافِي قَهَرُ

١٠. کوئلا کاٺيوُن
چُلهہ ٻَڪَ

١١. ٻُلند بنگلو
آکاشِي هوڪو

**B.97, Kubernagar,
Ahmedabad - 382340**

# ڪوتا/ گوپ عزيز

-١-

موت آيو ته خبر پيئي
ته زنده هوس ڪلهه تائين
جي نه لڙيا ورلي ڪڏهن
سي هليا گڏ قبر تائين!

-٢-

زندگيءَ جي اوڌر جو
لکيل ڪوئي حساب آهيان
يا ڪنهن مفلس جي کاٽيءَ جو
قاتل ڪوئي ڪتاب آهيان
يا ڪنهن بد دعا جي قلم سان لکيل
ڪو قتل نصيب آهيان
يا مقدر جي جسم جو ڏکندڙ
ڪوئي عذاب آهيان

غزل/لڇمڻ چيلاڻي

## وقت نہ آهي

١. اَڄ هرڪا خوشي ماڻهن کي هنج ۾ آهي
پر هڪ هسي مسڪراهٽ لاءِ وقت نہ آهي

٢. ڏينهن رات پئسي جي پنيان ڊوڙ ڊُڪ ۾ آهن
پر زندگيءَ ۾ آرام جي لاءِ وقت نہ آهي

٣. ماءُ جي نوريءَ جو احساس آٿن
پر ماءُ کي اَمان چوڻ جو وقت نہ آهي

٤. ساري رشتيداريءَ کي ختم ڪري چڪا آهن
پر اُنهيءَ کي صفا دفنائڻ جو وقت نہ آهي

٥. سيني جا نالا موبائيل فون تي نوٽ ڪيون ٿا
پر اُنهن سان دوستي ڳنڍڻ جو وقت نہ آهي

٦. ڌارين جي چا ڳالهہ ڪيون
جڏهن پنهنجن لاءِ وقت نہ آهي

٧. اَکين ۾ ننڊ ڌاڍي تي اَچي
پر سمهڻ لاءِ وقت نہ آهي

٨. دل غمن سان ڀري پيئي آهي
پر رئڻ لاءِ وقت نہ آهي

٩. اَهڙيءَ زندگيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو
جتي هر پل مرڻ وارن لاءِ
جئڻ لاءِ وقت نہ آهي.

# منهنجي نگاهن ۾ تون آهين

منهنجي نگاهه ۾ تون آهين خيال ۾ به تون آهين
پوءِ هيءَ جنت نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي

منهنجي دل کي جو درد تو ڏنو آهي
هيءَ محبت نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي

منهنجي دل ۾ تو جو ڪجهہ ڪري ڇڏيو آهي
زهر جي بدران اَمرت پيري ڇڏيو آهي
تنهنجي مڌر مسڪراهٽ جي پنيان
شرارت نہ آهي تہ ٻيلا ٻيو ڇا آهي

مان ڄاڻان ٿو تہ توکي منهنجي ضرورت نہ آهي
پر پياري مونکي تہ تنهنجي ضرورت آهي
جن منين ڳالهين سان منهنجو من تو موهي ڇڏيو
جي هيءَ چاهت نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي

تو منهنجي سڄي بگڙي حالت سڌاري آهي
توئي منهنجي زندگي جگمگائي آهي
جتي انڌيرو هو اُتي روشني آئي آهي
پوءِ هيءَ عبادت نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي

# ڪنهن کي سپني ۾ پيار نہ ڪر

١. ڪنهن کي بہ سپني ۾ ڀُلجي پيار نہ ڪر
هيءَ زندگي گلزار آهي اُنهيءَ کي پُر خار نہ ڪر

٢. توکي خبر نہ آهي محبت جو نتيجو ڇا آهي
ڄاڻي واڻي پنهنجي جان کي مصيبت ۾ گرفتار نہ ڪر

٣. هي دنيا جا ماڻهو هر وقت گلاخوري ڪندا آهن
انهيءَ ڪري اي سياڻا پنهنجي سر کي آزار نہ ڪر

٤. ڇڏ انهيءَ محبت جي خام خياليءَ کي
پنهنجي موليٰ کي مناءِ ۽ پاڻ کي لاچار نہ ڪر

٥. هن زماني ڪنهن کي بہ سات نہ ڏنو آهي
انهيءَ ڪري بجاءِ جو پوءِ پڇتائڻو پوي، عشق جو واپار نہ ڪر

**H-10, Kailash Colony**
**New Delhi-48**



# غزل/ ٺارو سي. گرناڻي

-١-

سنڌ ڌرتيءَ لءِ سڪندو آهيان،
ڪو خواب جڏهن، ڏسندو آهيان.

سنڌ هاڻي هِتِ، هند ۾ ٺهندي
هرڪنهن کي پيو، چوندو آهيان.

خاموشي ڀاڪر پائي ٿي،
جي ڳُٽتين ۾ رهندو آهيان.

پنهنجائي رهندبندي آهي،
غم ڪائي پيو، هلندو آهيان.

مان پڻ هِڪِڙو، مورک آهيان،
پاڙ تي ٿي پيو، ڪلندو آهيان.

ٻين سان کهڙو مطلب 'ٺارو'
ستگر کي مان وٽندو آهيان.

-٢-

ماءُ جي ٿڃ جي، پيتي آهي،
هند ۾ سنڌ ٺاهي وٺنداسين.

پاڻ کي سمجهڻ، ڏکيو آهي،
گهڻو گهڻو ڪجهه سوچينداسين.

اَسان ته نيڪ بڻڻ چاهيون ٿا،
پنهنجن اُڏمن، کي چونداسين.

وڻ جي ڇانو، ملي جي ٿوري،
چار گهڙيون ويهي رهنداسين.

گيان ڏيان سڀ، سک ڏيندو آ،
مهر ته مالڪ، ڪان گهرنداسين.

'ٺاروءَ' سان نفرت ايڏي ڇو،
نيٺ اَسان ڪنهن کي وٽنداسين.

**39, Ashray Bunglows,**
**Nr. Indra Bridge,**
**Hansol, Ahmedabad - 382475**

# هڪ سٽا/ گيتا بندراڻي

-۱-

۱.رات پير نالا مونسان وڙهندا رهيا.
۲.سونهن ۽ پاشا جو ٽڪراءُ.
۳.توکان جيتڻ ۽ توکان پري هلندي ٿي وڃان
۴.اُفق جا رنگ ڏسندي ٿاڪو ڪاڏُم.
۵.اُفق رنگ جتائڻ تياڳي چڏيا.
۶.ورهين کان پوءِ هو چمڪي پيو آهي.
۷.مان وسان ٿي پري ڪٿي تنهائيءَ ۾.
۸.سانت وچڙندي وئي گوڙ کومائجي ويو.
۹. اَسان بئي ملي نٿا سگهون هوءَ پت ته ڀهانو آهي.
۱۰. ميرو خيال نه آڻ تون هنجو چهرو سُندر آهي.

## ڪوتا

سوچيان پئي ته جيترا ماڻهو
اوترا نالا هجن ها
ڪو به ماڻهو ساڳيو ڪونهي
صرف جهنڊ ناهي راند ڪري رهيا آهن.

**14, Anuchhaya,**
**C.D. Barfiwala Lane**
**Andheri (W)**
**Mumbai-400058**

مٿان شوق هنجو هي اشعار سمجهين
غزل جي ٻهاني عبادت ڪندو ٿئہ.



# لڪشمڻ ڏُبي

پورو نالو : لڪشمڻ اَمرومل ڏُبي

جنم : ۱۵ مارچ ۱۹۴۲ع

جنم اَستان : ڳوٺ مينگهو فقير شَرَ - خيرپور رياست (سنڌ)

تعليم : ايم. اي. (هندي-سنسڪرت)

پيشو : ڪنسٽرڪشن، فائنانس

ڇپيل ڪتاب : سنڌي :

۱. ’اَڻ ئي پهر اُڀاڙڪو‘ ( سنڌي غزل دوها-۱۹۹۷)
۲. آڪاش جا ٽڪرا (سنڌي غزل-۲۰۰۱)
۳. اَڄا ياد آهي (سنڌي غزل، بيت ۽ دوها-۲۰۰۸)

هندي :

۴. ڪوئي گهر ۾ ڍونڍي گهر (غزل هندي-۱۹۹۷)
۵. جو ڪنارا ٿا ڪيي (هندي غزل - ۱۹۹۸)
۶. ’مڌوڪي دويپ‘ عمر خيام جون رباعين جو انواد (هندي ۱۹۹۹)
۷. بي نام چنيان (هندي غزل - ۲۰۰۱)
۸. اڪشر اڪشر چيخ (هندي دوها - ۲۰۰۸)

سرنامو : "Kavyam" Gandhari Gali,
Kaziwada, Junagarh - 362001



# غزل/لڪشمڻ دُبي

مجبورين ۾ مُرڪ مِلائي ڇڏيون، اَدا
سيني ۾ سخت سوُر سمائي ڇڏيون ، اَدا

چاهي نہ ٿو جهڪڻ جو بُرائيءَ اڳيان ڪڏهن
اَهڙو متو ڇيو تہ ڪپائي ڇڏيون، ادا

منهنجو مقام موٽ ڪسي جنهن جدا ڪيو
خواهش خسيس ڇو نہ ڪپائي ڇڏيون، اَدا

مونکي ڇڏي جو ڊوڙ اُڏائي هليو ويو
ڇو ڪين منهن ۾ ڌوڙ ئي پائي ڇڏيون، اَدا

جنهنجو ملڻ محال مصيبت مثل لڳي
بهتر اُهوئي آهہ ڀُلائي ڇڏيون، اَدا

روشن رهي جهان ۾ هڪڙو چراغ شل
هڪ سان سوين چراغ جلائي ڇڏيون، ادا.

-٢-

وڏنِ وڏيون مجبوريون آهن
خود کان ڪيڏيون دوريون آهن

ڇا لاءِ ايڏيون يار خواهشون
تو اندر ۾ پوريون آهن

جيئڻ واسطي پاڻ پتوڙڻ
مرڻ لاءِ مشهوريون آهن

تو پوري ڇڏيو گهڙِيُن کي
مونوٽ مگر سمُوريون آهن

وَرِ وَرِ پيو ورندس دنيا ۾
اِڇائون اڻپُوريون آهن

اَڄ تہ ملهايون مِلي قربتون
جي مجبور اَڌوريون آهن

ڪوُڙا ڪانوَ اُڏاڻا اُپ ڏي
سچن لاءِ ڏس، سوُريون آهن.

-٣-

هر خوشي هڪ ڏانو جي سوغات آ
ڇا ڪجي، هر بشر جي اوقات آ

واچ جي ڪانٽن تي پنهنجو سِرُ رکي
وقت جاڳيو ڏس، سموري رات آ

اَڄ وري تنهنجي سمرتي آ لَنوين
ڏس تہ ڪِئَن پاڳل بڻي جذبات آ

تو ڇئي پڻ ڪانہ هئي ۽ مون ٻُڌي
جا مِٺا، تنهنجي ڇپن تي بات آ

ڪيئَن ڪوئي رستو ملي ويساهہ جو
آدمي خود کي ڇليندڙ ذات آ

يار، هرڪنهن جي نہ وس ۾ آ پِڄڻُ
شاعري بيشڪ مٺڙ برسات آ.

-٤-

پيڙا ڏاڍي ياري هوندس
پڪ ٿي پڪ خوداري هوندس

مُنهن ۾ محبت پريون ڳالهڙيون
دِل ۾ دنياداري هوندس

حسن-جواني پڻ پيو ٽاري
ها، ڪائي بيماري هوندس

هليو عشق جي وات وِلهو آ
تِرڪڻ جي تياري هوندس

آڙي اوپرن جو کهڙو دم
ڪنهن پنهنجي دل ڏاري هوندس

اَکڙين مان ڳوڙها ڳاڙيائيِن
لفظن جي لاچاري هوندس

لڪشمڻ ڇو هِئَن شعر ڇئي ها
ڪا تہ مِڙئي بيزاري هوندس.

-۵-

معنيٰ سان پريل لاڪيٽو
لفظ لَنوين پيو جهيِٽو- جهيِٽو

پياسن جهرڻن وانگر پتڪڻ
آنءُ ازل ڪان آس- وَهيٽو

اِئَن سوچي پيو اؤڳڻ پاليان
هو آ مونکان ٻيٽو- ٽيٽو

خود کي ڳولهيندي پڻ پانيم
ٻوجھہ اهم جو ويتر ٻيِٽو

لمحي پر جو اُيام - ٺَهڪو
ڪري ويو آ ڪيڏو هيِٽو

لڪشمڻ جا سي شعر سياڻا
مونکي ٻڌايو جن مانيٽو.

-٦-

خود سان پڻ پيو وڙهندو هوندو
ڪڏهن تہ تنها ٿيندو هوندو

منهنجي سامهون ڪنهنجو دم آ
شايد ڪو آئينو هوندو

مان اَڪثر سوچيندو آهيان
مون جهڙو بہ ڪميِٽو هوندو!

ويجهو هوندي پڻ پيو موهي
ڪوتہ سڳورو اِهڙو هوندو

ايڏي ڪاوڙ، ايڏي نفرت!
پڪ مونکي چاهيندو هوندو

پيار ڪيو هوندائين ڪنهنکي
مشڪل لمحو - لمحو هوندو.

-٧-

حيرت جا هموار لڳا هِن
ڪيڏا سهڻا ٻار لڳا هِن

نيڻ نپوڙيا هِن ڪاڳر تي
توکي جي اشعار لڳا هِن

تهذيبن جو چيو مچيوسين
ڏس، موسم کي خار لڳا هِن

چو اچ تنهنجا نخرا- ماڻا
چڻ جهُونا ويچار لڳا هِن

چا مجال آهي دشمن جي
منهنجي پنيان يار لڳا هِن

تنهنجون چيڙ- پريون هي مُرڪون
موت سندا آثار لڳا هِن.

-٨-

پائي ويُون ڪَنن ۾ اَڻلڀ عجيب باتيون
واتوڙيون هون ڪيڏيون تاريڪ تيز راتيون

ڪيڏن حصن ۾ منهنجو تقسيم ٿي ويو گهرُ
ايندي‌يون رهيون پري ڪان گذريل گهڙين جون لاتيون

چاهت، وڇوڙا، يادون، تنهائيون، اُداسيون
هڪ جان لاءِ خدارا، ايڏيون پلا ڇو ڪاتيون

معلوم هو سين کي هڪ پل قرار ڪونهي
ماڻهن مُنن پلا پوءِ ڇا لاءِ دِلڙيون لاتيون

سامي، سچل، پٽائي يا شيخ، شيام، حاسد
ڪوتا جي ڪنوار ڪيڏيون رمٽيڪ پوتيون پاتيون

ڌرتيءَ کي ڌرتتيءَ ۾ تپندي ڏٺو جڏهن ڪنهن
چلڪي اُٿيون اُپن مان کي چوهه پريون چاتيون

آڪرش -ڏِسڻ وٽان ڪجهه آخر بچيو به ڇاهي
هاڻي پلي کسي وٽ اظهار جون هي ذاتيون

-٩-

پيالو محبتن جو سرشار تون کٽي وڃُ
محروم لاءِ سڪ جو سنسار تون کٽي وڃ

اِنسان لاءِ ڪوئي آڌار تون کٽي وڃ
هن لاءِ عقيدتن جو آڪار تون کٽي وڃ

پرديس کان وطن ڏي واپس اگر ورين ٿو
سوٴغات ياد جي ڪا ڪجهه بار تون کٽي وڃ

ڦُٽپات تي اَياڳا واپس بکيا سمهي پيا
معصوم ٻارڙن لءِ گھر ٻار تون کٽي وڃ

شاعر جي شاعريءَ ۾ ناهي اگر ڪروڙٿا
بند ڪر لکڻ جو سارو واپر تون کٽي وڃ

ڦاسڻ جي لاءِ هڪ ٻيي حسرت رهي نه آهي
ها، وڃ هليو شڪاري! هي جار تون کٽي وڃ

لکجي جهجهو ريو آ اڄ ڪلهه غزل ادب ۾
ڏاڍو ضرور آهي، معيارُ تون کٽي وڃ.

-١٠-

عشق جو آهي سفر لنبو گھڻو
جسم تائين ڪٿ مونکي هو پهچڻو؟

بادلن جي هنج ۾ گم چاندني
ڄڻ سمرپڻ ڪنهن حسينا پي ڪيو

تو ڇهيو ٿورو سندس جذبات کي
يار زارون زار ڏس روئي پيو

سيڪڙو پيرا لکي، ڦاڙي ورِي
هن محبت جو ٿي پهريون خط لکيو

اِئَن لڳو پر ۾ ڪوئي وينو اَچي
ڇا عجب آ ياد جو پڻ معجزو!

هٿن مان نڪري هوائون ڄڻ ويس
ڏس، گھمي پيو ٿو ٻٽي هو وائڙو.

**"Kavyam" Gandhari Gali,**
**Kaziwada,**
**Junagada - 362001**



رچنا-١٢١ جي رونمائي ڪرڻ مهل برک ليکڪا
ڪلا پرڪاش، ڪلاڌر مُتوا ۽ لڪمي ڪلاڻيءَ سان گڏ



’رچنا‘ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون انعام کٽڻ لاءِ ڪلاڌر متوا کي
ڊاڪٽر ستيش روهڙا اجرڪ پهرائي سندس سنمان ڪري رهيو آهي

# قمر شهباز



(۱۹۳۸-۲۰۰۹)

سنڌ جي برک ڊرامانگار، شاعر ۽ ڪھاڻيڪار قمرشھباز۵ مي ۲۰۰۹ تي ڪراچي (سنڌ) ۾ وفات ڪري ويو.

سندس جنم ۱۳ اَپريل ۱۹۳۸ تي نوابشاھ (سنڌ) ۾ ٿيو ھو. ھن پنھنجي تعليم ماسٽر ڊگري (ايم. اي.) انگريزي ساھتيہ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.

ھن پنھنجي پيشي جي شروعات ڪاليجي پروفيسريءَ سان ڪئي. تنھن ڪان پوءِ ھن پاڪستان سرڪاري جي سِوِل سروس ۾ لڳاتار نوڪري ڪرڻ بعد ۱۹۹۱ ۾ اُتان رٽائر ڪيو.

ھن جا ھينيان ڪتاب شايع ٿيل آھن

۱. قمر شھباز جون چونڊ ڪھاڻيون (۱۹۸۳)

۲. واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو/ٽي. وي. ڊراما - ۱۹۸۷)

۳. چنڊ رھين ٿو دور (شاعري - ۱۹۸۸)

۴. اَنون گھر (طنزيہ ڪھاڻيون/مزاقيہ ڪالم) - ۱۹۸۹)

۵. ضمير جو موت (ڪالم ڪھاڻيون) (۱۹۹۲)

قمر شھباز ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جي آتم ڪٿا ‘Taking The High Road’ جو بہ ترجمو ڪيو ھو جيڪو دھلي سنڌي اڪاڊميءَ طرفان ’آڪيرا آڪاش ۾‘ عنوان سان ۲۰۰۵ ۾ شايع ڪيو ويو.

قمر شھباز کي پنھنجي جيون ڪال ۾ ڪيتراء انعام سنمان حاصل ٿيا. پرڪس اوارڊ فنلئنڊ ۽ جرمنيءَ مان برلن اوارڊ سندس تيار ڪيل ڊاڪيومينٽري فلمن تي عطا ڪيا ويا.

مارچ ۲۰۰۴ ۾ سنڌ ڪان پارت آيل سنڌي اَديبن جي ڊيليگيشن جي رھنمائي ڪرڻ جو شرف بہ قمر شھبار کي حاصل ٿيو ھو. ان وقت ھند سنڌ جي اديبن کي ھڪ ٻئي سان ويجھو اَچڻ جو موقعو مليو ھو.

اَسين ھند جا سڀ سنڌي اديب سندس وڇوڙي تي پنھنجي غم جو اظھار ڪندي کيس شرڌانجلي ڏيون ٿا.

# ڪارا ماڻهو

ڊرسينگ ٽيبل آڏو ويهي هن ڪلاڪ کن خوب ميڪ اپ ڪيو. اَکين تي گهري نيري رنگ جا ڪانٽيڪٽ لينس لڳايائين، هلڪي سونهري رنگ جا نقلي چپر سجايائين، بيوٽي پارلر مان ٿريڊنگ ڪرايل سنهڙين پِڙُن کي آءِ بِرو پينسل سان وڌيڪ گهاٽو ڪيائين،لپ اسٽڪ ڪِٽ مان اڪيچار لپ اسٽڪون ڪڍي کاٻي هٿ جي پٺيءَ تي انهن جا مختلف شيڊ آزمايائين ۽ پوءِ هلڪي گلابي ڪلر جي چمڪٽي سرخي ڪڍي نهايت ئي مهارت سان چپن تي لڳايائين. اهو سڀ ڪرڻ کان پوءِ جو مرحلو هو ساڙهي پسند ڪرڻ جو. ساڙهيءَ جي چونڊ هن لاءِ هميشه مٿي جو سور ثابت ٿيندي هئي. وارڊ روب جي هينگرن ۾ لٽڪيل ڊزنين ساڙهيون هن جي مشڪل ۾ اِضافو ڪري ڇڏينديون هيون. هڪ کان وڌيڪ هڪ موهيندڙ رنگ، ڊزائين ۽ قيمتي ڪپڙي جو فالُ کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو ۽ اها ڇڪ سندس فيصلي کي ڏکيو بنائڻ جو ڪارڻ بڻجندي هئي.

هونءَ تہ کيس ڄاڻ هئي تہ ڪهڙي موقعي تي ڪهڙو رنگ ۽ ڪهڙي ڊزائين مناسب رهندي، پر گڏو گڏ اها ڳڻتي بہ ڳاريندي رهندي هئس تہ ڪٿي ساڳئي ميڙ ۾ ساڳي ساڙهي يا ان سان ملندڙ جلندڙ ساڙهي اڳ تہ نہ پاتي اٿم؟ سندس ڪلاس ۾ ساڳي ڊريس ٻہ دفعا پهرڻ بدناميءَ جو باعث هئي. ان ڪري چونڊ ڪرڻ وقت کيس ياداشت تي ڏاڍو زور ڏيڻو پوندو هو. اهي مشڪل مرحلا صرف اهي ئي سمجهي سگهندا جن کي پنهنجي پبلڪ اميج جو احساس هوندو. ڇڙيل ڏور تہ سڃي جهان ۾ گهمندا وتن. هاءِ ڪلاس سوسائٽيءَ جا

پنهنجا ڪي اڻ - لکيا اصول به آهن، جن کي سمجهڻ هرڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. آخرڪار لباس ذريعي جسم جي خوبصورت لاهين چاڙهين ۽ گولاين کي وڌيڪ موهيندڙ بڻائڻ به ته هڪ سائنس آهي، جنهن جا ڪي قاعدا ڪي قانون به آهن، ۽ رنگ ۽ ڊزائين انهن قاعدن ۽ قانونن تحت پنهنجو جادو جاڳائيندا آهن.

هن گهڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ شِفان جي سفيد ساڙهي ڪڍي جنهن تي ان ئي رنگ جا گل ٺهيل هئا ۽ جنهن جي پويان جهليل سندس هٿ روشنيءَ ۾ صاف نظر ٿي آيو.

تيار ٿي هيٺ لٿي ته سندس ڊرائيور بجليءَ جي تيزيءَ سان گاڏيءَ جو پويون دروازو کوليو ۽ روبوٽ جيان چپ چاپ، با اَدب ٿي بيهي رهيو. هوءَ وڏي شان سان ساڙهي سنڀالي گاڏيءَ ۾ ويٺي ۽ اميراڻي آواز ۾ چيائين، ’ميريٽ‘.

گاڏي ڊفينس جا ڊگها رستا پوئتي ڇڏيندي، ٻن تلوارن کان مڙي ۽ پوءِ شان سرڪل تي تلوارون ۽ ڪلفٽن پل لتاڙيندي، هوٽل ميريٽ ۾ داخل ٿي. ڊرائيور ساڳيءَ ڦڙتيءَ سان دروازو کوليو ۽ با اَدب بيهي رهيو.

هوءَ آهستي آهستي وڏي لاڏ سان هيٺ لٿي. خماريل نظرن سان اردگرد جو هلڪو جائزو ورتائين. مُرڪي سلام ۾ جهڪيل دربان ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ هوٽل جي لابيءَ ۾ داخل ٿي. فوٽوگرافرن جا فليش چمڪيا، مووي ڪئميرا وارن جي ڊِڪ ڊِڪان ۽ پريس رپورٽرن جي سوالن جي بارش شروع ٿي وئي. هوءَ مرڪي هڪ هڪ ڏانهن ڏسندي، حسن جي غرور ۾ توريل تڪيل قدم کڻندي اڳتي وڌندي رهي.

تڏهن سندس نظر لابيءَ ۾ وينل ’شا‘ تي پئجي وئي. هن اک جي اِشاري سان بيهي لڳل هڪ ورڪر کي پاڻ ڏانهن سڏيو ۽ پوءِ آهستي سان کيس ڪن ۾ ڪجهه پڇڪيو. فليش بند ٿي ويا. پريس رپورٽر پنهنجي

هتي ويا ۽ مووي ڪئميرا وارا ٻين سان گڏ ڊوڙ پائي لابيءَ جي ڇيڙي تي مٿي چڙهڻ واري ڏاڪڻ جي ڏاڪن تي ويهي سندس انتظار ڪرڻ لڳا.

هوءَ اڪيلي ان موهيندڙ چال سان ڪجهه ٽيبلون لنگهي وڃي شا جي سامهون بيٺي. شا سندس ئي عمر جي، سندس ئي ڪلاس جي، سندس ئي انداز واري، سندس همراز ۽ ويجهي ساهيڙي هئي.

’شا‘ هن ٽيبل جي پرسان پهچي، هلڪي سريلي آواز ۾ چيو.

پنهنجي ئي خيالن ۾ گم شا ڇرڪي مٿي ڏٺو ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي سامهون ڏسي جڻ ٽڙي پيئي.

چيائين، ’رن، هتي ڇا پئي ڪرين؟‘

هوءَ هلڪو ڇرڪي. پوءِ آهستگيءَ سان چيائين، ’هوريان ڦاٽ. هوُ مُئا ٻڌي نه وٺن. ڪرائين نه ڪارو مُنهن سڀني لئہ جو.‘

شا اچاترين نظرن سان ڏاڪڻ جي چوگرد جمع ٿيل انبوهه کي ڏٺو ۽ پوءِ منهن بڇڙو ڪري پڇيائين، ’ڪير آهن ڪتي جا ڦر؟‘

’ٻڌايان ٿي‘ ’هن ويهندي چيو. پڇي ته ڪونه ٿي وڃان؟‘

’ڪهڙي خبر، هڪ دفعو وري پڇي وڃين؟ تو جهڙي ڇنال تي ڪير اعتبار ڪندو؟‘

’وري اهائي بڪ بڪ؟‘ هن مصنوعي غصي سان چيو، ’اهو ٻڌاءِ هتي ڪهڙي پئي ڊوڙ پائين؟ ڪنهن کي ٽائيم ڏنو اٿئي ڇا؟‘

شا هلڪو ٺهڪ ڏيئي ٽيبل جي اوٽ مان ڪيس ٻجو ڏيکاريندي چيو، ’لُچي، توسان ته ڪا ڳالهه ڪرڻ پاڻ تي ڪانءُ وهارڻو آهي.‘

’سردار صاحب کي خبر پوندءِ ته ڪاري ڪري ماريندءِ. ٻڌي چڏ.‘ هن چيو. ’سردار صاحب!‘ شا حقارت مان چيو، ’شهر ۾ سردار صاحب جهڙو ڪوئو ڪنهن کي ڇا ڪندو؟ ٻُوناٽين جٽين کي ماري ڏنو هونداٿين. مون ته شاديءَ کان اڳ ئي ڇٽي ڇڏيو هو ته منهنجا شهر ۾ ڪي ٻواءِ فرينڊز ٻہ آهن.‘

’پوءِ غيرت ڪونہ آيس؟‘ هن پڇيو.

’مڙسنهن کي غيرت ايندي آهي؟ ٻہ دفعا يورپ پڇي وئي آهين يارن سان. ڪو لفظ چيو اَٿائين توکي زبان سان؟‘

هوءَ ٺهڪ ڏيئي کلي پئي. چيائين، ’پيريءَ ۾ جوان جماڻ، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ماڊرن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ وارا اکيون، ڪن ۽ زبان بند رکندا آهن. هونءَ بہ وڏيرڙا ويچارڙا گهر جا ڪڪڙ مارڻ ۾ ماهر هوندا آهن. عورت کي پير جي جتي ڇوڻ وارا شهرن ۾ اهائي جتي مٿي تي رکي گهمندا آهن.‘

’شا کي شرارت سجهي. چيائين، ’پلا ٻڌاءِ تہ سهي، وري ڪڏهن تي نڪاءُ ڏين؟‘

’نہ بابا،‘ هن وراڻيو، ’في الحال تہ وڏيري جي مرڻ جو انتظار آهي. منهنجي پرپٺ مري پيو تہ سڄو مال کٽي ويندس پهرين وڏيري ۽ سندس اولاد. قبر ۾ پير لڙڪايو وينو آهي. بس آيو بينو آهي. جاڻ مئو کي مئو. پلا هونءَ وري ڪهڙي جهل پل ڪئي اَٿائين مون کي؟ تون پنهنجو فڪر ڪر قلجهڙي.‘

شا آڱوٺو ڏيکاريندي چيس، ’هيءُ پٽي وني. آءِ ڊيم ڪيئر!‘

منتظمين جو بيج پاتل ورڪر سندس ٽيبل ڏانهن وڌي آيو ۽ نهايت ادب سان چيائين، ’ميڊم، مهمان سڀ اَچي چڪا آهن. فقط توهان جو انتظار آهي.‘

هوءَ اُٿي. چيائين، ’چڱو شائستہ، پنهنجو خيال رکجانءِ.‘

شا هوڏ ڪندي چيو، ’اَڙي ويهہ تہ سهين. اَهڙي ڪهڙي جلدي پئي اَٿئي؟ اَچا تہ توسان کوڙ ساريون ڳالهيون ڪرڻيون اَٿم.‘

هن ويندي وراڻيو، ’نہ پائي، ترسي نٿي سگهان. ڪارو ڪاريءَ تي سيمينار آهي مٿي هال ۾. صدارت ڪرڻي اَٿم. بيسٽ آف لڪ. باءِ!‘

۽ هوءَ ڪارو ڪاريءَ تي ٿيندڙ سيمينار جي صدارت ڪرڻ هلي وئي. تڏهن اوچتو مون کي احساس ٿيو تہ ٻنهي عورتن جي شڪل پاڻ ۾ ڪيتري نہ ملندڙ جهلندڙ هئي.

# گھنجيل چھرا

اَسان ٻئي اَڪيلا ڪِرِيڪ ڪلب جي ڪافي ھائوس ٻاھران ڪرسين تي اَڌ آھليا پيا ھئاسين.

ڪريڪ ڪلب پاڻيءَ جي ڪنڌيءَ تي اَھڙيءَ طرح اَڏيل آھي جو جھاتي پائڻ سان پنھنجو اولڙو ڏسي سگھجي.

شام ھئي. سامونڊي پاڻيءَ ۾ ٻيڙيون پئي تريون. سامھون Marina Club (مرينا ڪلب) جا ننڍڙا جھاز آھستي آھستي لھرن جي لوڏ تي لڏي رھيا ھئا ۽ سندن بتيون جھونجھڪڙي ۾ جلي اٿيون ھيون ۽ جرڪندڙ پاڻيءَ تي سندن پاڇا ڦھلبا ٿي ويا ۽ منجھانئن ڪنھن ھڪ مان مغربي موسيقي ڇڻي دور دور تائين سڳنڌ ورھائي رھي ھئي.

۽ اَسان ٻئي جتڻا ھائوس جي ٻاھران، وراندي ۾ وڇايل ڪرسين تي اَڌ آھليا، سمنڊ ۾ جلندڙ انھن مشعلن ڪي لھرن تي لڙھندو ڏسي رھيا ھئاسين ۽ سامھون ڪلب جي ويڪري لان تي ۽ لان جي ٻاھران ۽ ٿي وي لائونج ۾، ۽ ان جي مٿان اَڏيل خوبصورت آڊيٽوريم جي ڪاريڊار ۾، ھر طرف نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، دل جي شڪل جا ڳاڙھا ڦوڪڻا ڪٽي، ھٿ ھٿ ۾ ڏيئي، جھومي رھيا ھئا، ڳائي رھيا ھئا، ڪلي رھيا ھئا، ملي رھيا ھئا.

اڄ ويلنٽائين ڊي ھو.

پريمين جو ڏينھن.

ڳاڙھا گل آڇڻ جو ڏينھن.

۽ اَسان ٻئي ڪافي ھائوس جي ٻاھران وراندي ۾ وڇايل ڪرسين تي اَڌ آھليا سندن ٿھڪ ٻڌي رھيا ھئاسين ۽ سندن جوانيءَ جي مھڪ محسوس ڪري رھيا ھئاسين.

اَسان ڪافي دير اُتي ئي چپ چاپ، مان مين ۾ پنھنجو پاڻ

سان ڳالهائيندا رهياسين، پنهنجي هر شڪل اڻ چٽي پاڇي ڪي پاڻيءَ ۾ گهوريندا رهياسين، خاموشين جا سُربات ٻڌاندا رهياسين.

۽ تڏهن پوءِ اوچتو هن چيو، ’ڇا سوچيئي؟‘

مون ڇرڪ ڀري ڏانهنس حيرت مان ڏٺو.

وري چيائين، ’ڪجهه نه سوچيو هوندءِ؟‘

ڪهڙو جواب ڏيانس؟

چيائين، ’رٽائرمينٽ مان مليل پئسو ختم ٿيڻ تي آهي. توکي دل جي بيماري آهي ۽ مان ....‘

روڪيندي چيومانس، ’اَهڙيون ڳالهيون نه ڪر.‘

چپ ٿي وئي.

ڊگهي خاموشي ستائڻ لڳي.

چيائين، ’ڪجهه نه ڪرڻو آهي. نوڪر ڪڍي نٿي سگهان. ڪم ڪرڻ جي همت ڪانهيم. ڊرائيور به ضروري آهي. تون ۽ مان هاڻي ڊرائيو ڪرڻ جي قابل نه رهيا آهيون. فون، گئس ۽ بجليءَ جا بل به پرڻا آهن. آخر ائين ڪيستائين هلندو؟‘

چيم، مون ڪي ڪو ٻيو هُنر نٿو اَچي. چاليهه سال فائيل چٽيا اَٿم. فائيلن کان ٻاهر نڪري دنيا جي ڀيڙ ۾ گم ٿي ويو آهيان.‘

چيائين، ’پوءِ ڪا نوڪري ئي ڳولهه.‘

ڦڪي مرڪ مرڪندي چيم، ’روزگار نوجوانن کي ڪونه ٿو ملي، مون کي ڇا ملندو؟ فقط لکڻ ئي سکيو آهيان.‘

چيائين، ’لکڻ مان ڇا مليو اَٿيئي؟‘

چيم، ’ڪجهه به نه. مهڻا، ٽوڪون ۽ بيعزتي.‘

چيائين، ’پوءِ ڇڏي ڇو نٿو ڏين؟‘

چيم، ’ڇڏي ڏيندس. سنڌ جو جنون سِرَ تي سوار هو، لهي ويو. هاڻي سنڌي نه رهيو آهيان. ماضيءَ کي پني ڏيئي ڇڏي اَٿم.‘

هوءَ نوجوانن جي هجوم کي ڏسڻ لڳي.

سوچيم، ’ان انبوهه ۾، ڪٿي ڪنهن جاءِ تي، منهنجو پٽ به موجود هوندو. گهٽو اڳ مون کيس پنهنجو پاڇو ڪونيو هو ۽ نندپڻ ۾

مليل پنهنجين محرومين کان ڪيس مڪت ڪرڻ جو وچن ڪيو هو ۽ ڪيس هميشه مرڪندو ڏسڻ جي تمنا ڪئي هئي. جي اتي نه هوندو ته ڪنهن ٻئي هنڌ هوندو ۽ سندس هٿن ۾ ڳاڙها گلاب هوندا ۽ سندس سامهون گلن جيان ٽهڪندڙ ڪنهن جا ٻه نيڻ هوندا ۽ ڪيس اندر جي آزادي هوندي ۽ اهڙي آزادي مون ڪڏهن ٻه نه ماڻي هوندي.'

چيائين، 'پريشان آهين؟'

چيم، 'نه. منجهيل آهيان. راهه کُٽي ويئي آهي. اڳتي اڻ سونهين اوندهه آهي. ڪڏهن اوچتو انڌيري ۾ وڃائجي ويس ته پوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟'

چيائين، 'اهو سڀ ڪجهه ته مان ٻه سوچيندي آهيان. تنهنجي لاءِ مون کان سواءِ اڪيلو رهي سگهندين؟'

اندر ويڄجي ويم. سراب جي سرحد تي پاڻ کي پٽڪندو پانيم.

چيومانس، 'حياتيءَ جا هيترا سارا سال تتل ريت تي هٿ هٿ ۾ ڏيئي مون سان هلي آهين. ٿڪو آهيان ته سهارو ڏنو اٿئي. رڪيو آهيان ته ساهس ڏنو اٿئي. ڪريو آهيان ته جهڪي اُٿاريو اٿئي. تو بنان مان اڌورو ۽ اڻ پورو آهيان. ڏار ٿيس ته اُجهامي ويندس.'

هن جا نيڻ آلا ٿي ويا.

چيم، 'ياد اٿئي، جڏهن مان گرفتار هئس ۽ تون هر روز منهنجي لاءِ گل ڪٽي ايندي هئينءَ ۽ مون کي آٿت ڏيندي هئينءَ ۽ منهنجي ڏرڪيل اعتماد کي پنهنجي پيار جي پناهه ۾ ڇپائي ڇڏيندي هئينءَ ۽ مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪجهه ٻه ڪونه هو. صرف هڪ نظم لکي سگهيو هئس تنهنجي لاءِ ۽ جنهن جو عنوان هو :

'مان جو آهيان!'

چيائين، 'ياد اٿم.'

چيم، ان لاءِ جو صرف توکي منهنجي سچائيءَ تي ڀروسو هو. دنيا ڪلهه ٻه مون کي ڏوهي سمجهيو هو ۽ اڄ ٻه ڏوهي ڄاڻي ٿي. مون کي ڪلهه ٻه ڪنهن جي ڪاڻ نه هئي ۽ اڄ ٻه ڪنهن جي پرواهه ناهي.'

چيائين، ’پاڻ کي دکي نہ ڪر.‘

دل پرجي آئي هئم. اُتي، ڪافي هائوس جا ڏاڪا لهي، سمنڊ جي ڪناري جوڙيل جهنگلي تي هٿ رکي بيهي رهيس. ڇولين جي ڪاري پاڻيءَ کي گهوريندي کهڙي پل اَکين مان سمنڊ اُٿلي پيم، تنهنجي ڪل ئي نہ پيم.

ڪلندڙ، ٽهڪندڙ، نچندڙ، نوجوانن جا آواز ويجها پوندا ويا. لڳو ڄڻ سمورو وايو منڊل موسيقيءَ سان گونجي اُٿيو آهي ۽ منهنجا سڏڪا ان گونج ۾ ڪٿي گم ٿي ويا آهن.

تڏهن هن جو هٿ پنهنجي هٿ تي محسوس ڪيم.

مڙي ڏٺومانس. اکين ۾ لڙڪ تہ هئس، پر منهن تي مرڪ بہ هئس. منهنجي هٿ کي زور ڏيندي چيائين، ’ڇريا، مان جو آهيان!‘

۽ پوءِ اوچتو نوجوانن جي انبوهہ مان دل جي شڪل جو هڪ سرخ ڦوڪڻو هوا ۾ ترندو منهنجي پرين وٽ اَچي ڪريو.

مون جهڪي دل جي شبيهہ واري ان غباري کي کنيو ۽ کيس آڇيندي چيم، هئپي ويلنٽائن.‘

۽ منهنجي جيون ساٿيءَ جا لڙڪ لڙي پيا.

منهنجو هٿ جهلي چيائين، ’گهر هلون؟ دير ٿي وئي آهي.‘

تڏهن اَسان ٻئي ڪراڙا، هڪ ٻئي جي سهاري، ڪلب جي ٻاهرينءَ گيٽ ڏانهن هلي پياسين ۽ اوچتو موسيقي بند ٿي ويئي ۽ نوجوانن جا نچندڙ قدم رڪجي ويا ۽ فضا ۾ گونجندڙ ٽهڪ گُهٽجي ويا ۽ هنن سيني وِٿي ٺاهي اَسان ٻنهي کي پنهنجي وچان لنگهي وڃڻ لاءِ رستو ٺاهي ڏنو ۽ اهو سمورو وقت سندس نگاهون اسان جي گهنجيل چهرن تي ڄميون رهيون جيستائين اسان هوريان هوريان ڪلب ڪان ٻاهر نڪري نہ وياسين.

# مخالفت

ٿلهي ليکي فقط اَڌ ڪلوميٽر چڪر وارو هوندي بہ هيءُ جيئرو ۽ جاڳندڙ پارڪ لڳندو آهي. طرح - طرح جا وڏا - ننڍا وڻ ۽ پوڌا، گل - ڦل، وليون، سائي ڇٻر، سهڻيون دکيون ۽ ڪنارن تي رکيل سيمينٽ جون بينچون. درختن جي هيٺان جاگنگ ٽرئڪ تي قدم اَڳيان وڌائيندي محسوس ٿيندو آهي ڄڻ قدرت خزانو کولي سڌ ٿي ڪري. 'اَچو، اَچي هن خزاني کي لٽيو.'

پارڪ ۾ صبح جي وقت بہ ڀيڙ گهٽ هوندي آهي. پئسي وارن جي ڪالونيءَ ۾ ٺهيل هئڻ سبب گهمڻ لاءِ اَچڻ وارا مڙد ۽ زالون وڌيڪ اَهڙا هوندا آهن جيکي سٺ سال اورانگهي چڪا آهن. آسودگي، مخصوصيت جو احساس ۽ هڪ خاص قسم جو پرِيا منڊل سندن چهرن تي چسپا ٿيل هوندو آهي. فاصلو رکي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ - ٻولهائڻ، گپا - شپا هڻڻ ۽ کلڻ - ڀاڙون هڻڻ وارا ئي پارڪ ۾ عام طور سان نظر ايندا آهن. اُنهن مان ڪو بہ ڏينهن پارڪ ۾ نہ آيو تہ اَچڻ ڪان پوءِ، سبب پڇڻ وارا بہ چار ڄڻا ضرور هوندا پر سندس گهر وڃي پڇڻ جي تڪليف ڪوئي نہ ڪندو. چڪر هڻندي ڳالهيون ڪندا تہ زندگيءَ جا ڏک - درد زبان تي ڪڏهن نہ آڻيندا. سندن ڳالهين ۾ يو. اين. او. هوندو، اَميريڪا جو راشٽرپتي هوندو، دنيا ۽ ملڪ جي سياست هوندي، پنهنجيءَ گذريل زندگيءَ جا وڏندڙ قصا هوندا، گهر جون ڳالهيون نہ هونديون. پٽ - نُنهن، پوٽا - پوٽيون، ڌيئر - نياڻا غائب هوندا. ذاتي زندگيءَ جي جهلڪ ڪنهنکي ملي، اَهڙي ڳالهہ پل ۾ بہ سندن زبان تي نہ ايندي آهي.

عمر، رتبي، ويچارن ۾ جنس موجب ٽولين ۾ ورهائجي پارڪ کي محدود نموني آباد رکڻ وارا هر وقت نظر ايندا آهن. اڪيلا مڙد، زالون، نوجوان، نوجوانڙيون ۽ گڏجي گهمڻ وارا مڙد، زالون ته هوندا ئي آهن، پارڪ جا ٻيا ٽڪر والاري ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ وارا پڻ نظر ايندا آهن. زالن جي ٽولي يوگا ڪندي آهي. سٺ - پنجھٺ سالن وارا هڪ - ٻئي کي چٽڪلا ٻڌائي زور - زور سان کلندا آهن. پنجھتر - اَسي سالن جي بزرگن جي ٽولي ڀڄن - ڪيرتن ڪندي آهي. لافٽر ڪلب وارا هڪ ٽڪر ۾ ويهي - ٻيهي پنهنجو ڪسرتون ڪندا آهن. هڪ پاسي آر. ايس. ايس. جي شاخا لڳندي آهي. وچ ۾ ٿهيل پڪي پٽيءَ تي ڪڏهن - ڪڏهن ٻار ڪرڪيٽ راند ڪندا آهن. ايڪڙ - ٻيڪڙ مڙد زالون ڪنهن بينچ تي ويهي پراڻاياम يا چبر تي ٻيهي يوگا يا هلڪي - ڦلڪي ڪسرت ڪندا آهن.

وڪاس پراڌيڪرڻ طرفان جهاڙين جي ڪانٽ - ڇانٽ، چبر کي پاڻي ڏيڻ ۽ وقت سر اُنتي مشين گهمائڻ، وڻن مان ڇڻيل پنن ۽ ڪچري کي صاف ڪرڻ جو جوڳو بندوبست آهي. رات جو ٻرندڙ ٽيوبلائيٽين سبب اَڻ گهربل ڪم پارڪ ۾ نہ ٿيندا آهن. بيئر جون خالي بوتلون، سگريٽن جا پئڪيٽ، گٽڪن جا پائوچ ختم ڪو پارڪ ۾ نظر ايندا آهن. هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا هجن چاهي نہ؛ اَچڻ وارا ڪالونيءَ ۾ جتي رهندا آهن اُن جڳهہ جي نمبر جي ڄاڻ هجين چاهي نہ؛ دعا سلام بہ چاهي نہ ٿيندو هجين پر ڇهري سان هرڪو، هرڪنهن کي سڃاڻي. ڪُل ملائي پارڪ ۾ نيمائتو اَچڻ وارن جي ڳڻپ چاليهہ - پنجاه کان وڌيڪ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ هوندي. تنهنڪري سيني جي نگاهن ۾ هڪ - ٻئي لاءِ سڃاڻپ جو ڀاو هئڻ سڀاويڪ آهي.

پارڪ جي رک- رکاو لاءِ ڪالونيواسين هڪ سميتي پڻ ٺاهي آهي. ڪنهنکي ڪا ڪمي نظر اَچي، بهتريءَ لاءِ ڪنهن کي ڪا رِٽ ڏيڻي هجي، وڪاس پراڌيڪرڻ جا ملازم ڪم ۾ ڪوتاهي ڇڏيندا هجن، نوان وڻ - ٽڻ، لائيٽون، بينچون، وغيره پارڪ ۾ لڳڻا هجن تہ سميتيءَ

جو صدر چوَ چاءُ، ٻڪ - ٻوڙ ڪري منهن ڏيندو آهي. صدر رٽاير ڪيل آفيسر آهي. اُتساهي آهي. ڳالهائڻ ۾ هوشيار آهي. اَڄ نہ سياڻي ڪم ڪرائي وٺندو آهي. پئسي ڏوکڙ جي گهرج هجي تہ گهڻي ڀاڱي ڪالونيواسي ڏيڻ ۾ ڪيٻائيندا ڪونہ آهن. وڻ جي ڪنهن ٽاريءَ جا جدا - جدا پن هوندي بہ مٿان ۽ ٻاهران سڀ هڪ نظر ايندا آهن. هڪ پن کي جيئن ٻئي پن سان ڪو مطلب نہ هوندو آهي، ڪالونيءَ جا باشندا بہ علحدا رهي ڳنڍيل آهن. دست اَندازي پنهنجي معاملي ۾ هجي يا ٻئي جي معاملي ۾، ڪنهنکي پسند ڪونهي. بہ ڄڻا وڙهندا هوندا تہ ڪوئي نہ کين ڇڏائيندو ۽ نہ وچ ۾ ايندو.

اِن روش کي پسند ڪرڻ وارن خواه ناپسند ڪرڻ وارن جو تعداد عام زندگيءَ ۾ جهجهو ڏسڻ ۾ ايندو. ڪمل جيان گپ کان مٿيرو رهڻ جي حمايت ڪرڻ وارا گهٽ ڪونہ آهن. ٻئي پاسي اِنسان کي ڪمل سمجهي سماج کي گپ مڃي وهنوار ڪرڻ وارن کي نندڻ وارن جي بہ ڪمي ڪانہ آهي. بهرحال، ڪنهنکي پسند هجي چاهي نہ هجي، هن ڪالونيءَ جا باشندا پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ ۾ وشواس ڪندا آهن، اِها ڳالهہ ڪنهن سمجهوءَ کي سمجهڻ ۾ ويرم نہ لڳندي. هوئڻ بہ، پنهنجو فائدو ڏسڻ ۽ لڦڙن کان بچڻ جي فطرت جو ناٽي وارن سان سڌو رشتو هوندو آهي. اِن ۾ نہ ڪجهہ عجيب لڳندڙ آهي ۽ نہ ڪجهہ نئون آهي.

پر هڪ صبح پاڻ سان تعجب جي ڇٽڻگ ڪٽي آيو. ايڪڙ - ٻيڪڙ گهمڻ وارا، پاميرين ڪتا پلي گڏ وٺي يا ڪٽي ايندا هجن؛ پر پارڪ ۾ عام طور سان ڪنهن ڪتي جو درشن نہ ٿيندو هو. اِنهن شخص سان گڏ اَچڻ وارن پاميرين، ننيڙن - ننيڙن اَڇن، پشم جيان نرم لڳندڙ ڪتن جي پارڪ ۾ موجودگي اِئين محسوس ٿيندي هئي جيئن هنن شخص جو پنهنجو وجود هجي. بينل پاڻيءَ واري خاموش تلاءُ ۾ اُن صبح ڄڻ تہ ڪنهن اوچتو پٿر ڦٽو ڪري ڇڏيو. پٿر جتي ڪريو اُتي لهرن ۾ زلزلو اَچي ويو. حالانڪ تلاءُ جا ٻچيل سڀ حصا هميشه جيان

بي مطلب بڻيا رهيا. سندن خاموشي قائم رهي. تعجب اِن سبب جاڳ يو چو تہ فطرت موجب تلاءُ جي پٽر ڪريل حصي ۾ بہ لهرن کي رد عمل داخل نہ ڪرڻ ڪپندو هو.

پارڪ جي روالونگ گيٽ مان لنگهي هڪ ٺاهوڪو نوجوان جرمن شيفرڊ ڪتي جي زنجير پڪڙي اندر داخل ٿيو. قداور، خونخوار ۽ خوفناڪ لڳندڙ ڪتو پاڻکي ڇڏائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هو. نتيجي طور جاڳنگ ٽرئڪ جو چڱيرو حصو نوَجوان ۽ سندس دهشت پئدا ڪندڙ جرمن شيفرڊ جي حوالي هو. ڪين اَڳيان وڌندو ڏسي آسپاس گهمندڙ مڙد، زالون، نوَجوان، نوَجوانڙيون يا تہ بيهجي پيا وڃن يا پاسيرا ٿي ڇبر تان ٿيندا اَڳيان وڌي پيا وڃن. غلط کي درگذر ڪرڻ جي سيما ريکا طئہ هئي. جيستائين مونکي نقصان نٿو ٿئي تيستائين لڦڙو ڳلي ۾ نہ وجهڻ وارو سڌانت، با قائدا ڪم ڪري رهيو هو. ڪتي کي سنڀالڻ ۾ مشغول نوَجوان کي ڌيان بہ نہ هو تہ سندن موَجودگيءَ ماحول کي ڪيئن ڊپ ڳاڏڙ بڻائي ڇڏيو هو. هوُ ڪڏهن ڪتي کي زنجير سان ڇڪي اَڳيان وني وڃڻ ۾ ڪامياب پيو وڃي ۽ ڪڏهن ڪتو کيس ڦيراٽيون پيو ڪارائي.

پارڪ جو مُنو چڪر پورو ٿيڻ وارو هو. سامهون ايندڙ ٽن زالن اِهو نظارو ڏٺو. اُنهن مان بہ جاڳنگ ٽرئڪ تان لهي ڇبر ڏانهن وڃڻ لڳيون. ٽين ڪجهہ ٺٺڪي. پوءِ هوءَ بہ ڇبر تي لهي ويئي. ڇبر تي لٿي ضرور پر اَڳيان نہ وڌي. نوَجوان ڏي غصي مان ڏسندي تُنديءَ مان ڇيائين، ’ماءُ - پيءُ توکي ڇا ايترو بہ نہ سيکاريو آهي تہ هن قسم جي ڪتن کي پارڪ ۾ نہ وني وڃڻ گهرجي؟‘

جنهن نوع ۾ سوال پڇيو ويو هو، نوَجوان لاءِ جڻ تہ اوچتو وهائي ڏنل چماٽ هئي. هوُ جواب ڏي، اِنکان اڳ۾ سوال آيو، ’ڪٿي رهندو آهين؟‘

’۴۱۳ نمبر ۾.‘

’ڪنهنجو پٽ آهين؟‘

’وڪاس پراڏيڪرڻ جي سيڪريٽري ورما صاحب جو.‘

’ائين نہ سمجھجانءِ تہ ڪنھن توب جو پٽ آھين، تنھنڪري توکي سڀ ڪجھہ ڪرڻ جو حق مليل آھي. ڏسين ٿو نہ، ڪيئن تنھنجي ڪتي ڪان ٻجي ھرڪو پاسيرو ٿو ٿي وڃي؟ پارڪ ۾ ماڻھو پراڻايام ڪندا آھن ۽ تون گندگي ڦھلائڻ لاءِ ڪتي کي ھٽ وٺي آيو آھين!‘

’مئم .....‘

’مئم، مئم نہ ڪر! ڪتي کي وٺي چپ چاپ ھتان ھليو وڃ.‘

اَچرج تہ بنا جواب ڏني نوَجوان ڪتي سان گڏ، پاسي ۾ نھيل روالونگ گيٽ ڪان ٻاھر نڪرڻ لاءِ اڳيان وڌيو. جڏھن ھوُ اندر گھڙيو ھو، مان ڪانئس فقط پندرھان - ويھہ قدم پنيان ھوس. رفتار گھٽائي ايترو ئي مفاصلو قائم رکندي مان سندس پنيان ھلندو پي آيس. جڏھن نوَجوان کي روڪي تنبيھ ڏني ويئي، مونکي خاطري ھئي تہ ھنگامو ٿيندو. خاطري اِنڪري ھئي چو تہ ڪجھہ مھنا اڳ بئنچ تي ويھي سگريٽ ڇڪيندڙ ھڪ بزرگ کي ھن پارڪ ۾ ئي ڪنھن ٽوڪيو ھو. ھنگامي ڪان پوءِ بہ بزرگ سگريٽ ڇڪڻ بند نہ ڪيو ھو. اِخلاق، ماحول ۽ قانون جي سلامتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري کي غلط جي سامھون ھارائيندو ڏسڻ ڪان پوءِ بہ ڪنھن سندس ساٿ نہ ڏنو ھو. ڪم سان مطلب رکڻ وارو فلسفو اُن ڏينھن ٿيل ھنگامي مضبوط ڪيو ھو. پر ھنگامو تہ ھنگامو، نوَجوان شرمسار ٿي نڪرڻ جو پھريون ويجھو رستو پڪڙي ٻاھر وڃي رھيو ھو!

پريل پيٽ وارن جي سانچي ۾ گھڙيل منھنجي خود پرستي، لڦڙا ٽارڻ جي منوورتي ۽ ’دنيا مري يا جيئي، منھنجو ڪھڙو مطلب‘ جي مانسڪتا کي اوچتو نہ ڄاڻ ڇا ٿيو. اڳيان وڌي مان نوَجوان کي پٺ ٿپائي پڇڻ لاءِ مجبور ڪرڻ واري شخصيت جي ويجھو آيس، ’ڏيءُ، تنھنجي ھمت ڏسي دل ٻيٽي ٿي ويئي. شال غلط جي مخالفت ڪرڻ جو تنھنجو جذبو قائم رھي!‘

ڪيس ڪونہ ڇيم پر پاڻڪان سوال پڇيم، ’ڏيکاري سگھندس اَھڙي ھمت مان ڪڏھن؟‘

**D-183, Malvyanagar,**
**Jaipur-302017**

چٽاپيٽيءَ جي ٽيون نمبر ڪھاڻي
چندو تيجواڻي

# سوال پسنديءَ جو

اَڄ ڪيس ڇھون دفعو ناپسند ڪيو ويو ھو! جيڪڏھن سندس رنگ ڪارو ھو تہ ان جو جواب ھوءَ تہ نہ ٿي ڏيئي سگھي - ڪيس ان جي سزا ڇو ٿي ڏني وڃي؟ پنھنجي اِن ڪارڻ ڪي لڪائڻ ۽ گھٽائڻ لاءِ ھن ڪيتريون نہ ڪوششون ڪيون ھيون، پر تڏھين بہ جيڪڏھن ھن ترقي ڪندڙ سائنس واري وقت ۾ اِنھيءَ ڪي گھٽائڻ لاءِ ڪو صحيح رستو ڪينھي تہ پوءِ ڀلا ھوءَ ڇا ٿي ڪري سگھي؟ سندس ڪھڙو ڏوھ؟؟

سرلا ۾ ٻيو ڪو بہ نقص ڪين ھو - ھوءِ بي.اي. پاس ھئي. رڌڻ-پچائڻ، سبڻ-پرڻ سڀ ڪجھ ايندو ھوس. ناچ جي پڻ ڪجھ ڄاڻو ھئي. ستار وڄائڻ سان گڏو گڏ ڪجھ ڳائڻ بہ سگھي ھئي. ھڪ سني ۽ اورچ گرھستيءَ واريءَ لاءِ جيڪي ھئڻ گھرجي، سو سڀ ھوس. جيڪڏھن ڪجھ نہ ھوس تہ اھو فقط رنگ، جو صاف ڪين ھوس.

جڏھن سندر جي گھر وارن سان ڳالھ ٻولھ ھلي رھي ھئي، تڏھن ئي ڪيس دل ۾ ھڪ ويچار اتپن ٿيو. ڪيس ھن ڪان اڳ پنج دفعا ڏسي ناپاس ڪيو ويو ھو. مايوسيءَ تہ سندس دل تي گھرو اَثر ڪيو ھو پر سندس ڪارڻ، سندس ماءُ - پيءُ ڪي چنتا ويڙھي ويئي ھئي. ان ڪري ھڪ ڏينھن پيءُ جي غير حاضريءَ ۾ سندر جو سرنامو، نوٽبوڪ مان ڪڍي، ھن ڪيس ھڪ خط لکيو -

’منھنجو رنگ ڪارو آھي ۽ ان ڪري مونکي پنج دفعا نامنظور ڪيو ويو آھي. ھاڻي جيڪڏھن توھين بہ اُنھن ماڻھن وانگر رنگ ڪي

ئي ٿا عزت ڏيو تہ مهرباني ڪري هتي اَچڻ جي تڪليف نہ ڪندا، ڇو جو ان وقت توهان کي جا مايوسي ٿيندي سا تہ ٿيندي پر ان سان گڏو گڏ مونکي ۽ منهنجي ماءُ - پيءُ کي بي فضول پريشاني ٿيندي. منهنجي ۽ منهنجي مائٽن جي ان مايوسيءَ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي همدرديءَ جي مونکي ضرورت ڪانهي ۽ نہ ئي مان ڪو ان جو ڪو دٻاءُ آڻي، توهان مان اهڙي جذباتي قدم کڻڻ جو آسرو رکان ٿي، جنهن ۾ توهان جي دل ناخوش هجي ۽ جنهن جي ڪري پوءِ سڄي زندگي توهين افسوس ڪندا رهو. هن طرح جون ڳالهيون توهان کي عجيب، غير معمولي لڳن ۽ شايد خراب بہ لڳن پر مان هِن حالت ۾ اِهو سڀ ڪجهہ لکڻ لاءِ مجبور آهيان ۽ ان لاءِ مان معافي چاهيان ٿي'.

هن خط جو اَثر سندر تي نہ پيو هجي، سا ڳالهہ نہ هئي - پر ڪنهن بہ ئي ڪارڻ ڪري، مجبور ٿي هو، سرلا لاءِ 'ها' نہ ڪري سگهيو. شادي زندگيءَ جي توڙ تائين نباهڻ جو نالو آهي. ڇا هڪ پل جي جذبات ڪري هو حياتيءَ جي خواهشن ۽ اُمنگن تي پاڻي ڦيري ڇڏي؟ عجيب ۽ غريب ويچارن جي دروازي تي بيٺل، سندر هن وقت سوڌو ڪوبہ فيصلو نہ ڪري سگهيو هو.

هڪ اَجنبي ڇوڪري ڪنهن اَهڙي شخص کي ان طرح جو خط لکي جو شاديءَ جي سلسلي ۾ ڏسڻ وارو هو. سندر کي سچ پچ هيءَ ڳالهہ نئين ۽ وچتر لڳي. اِها ڇوڪري، ضرور ڪنهن اَهڙيءَ حالت ۾ هوندي نہ تہ ايتري همت ڏيکارڻ جو ڪهڙو ضرور؟ هڪ دفعو تہ سندر جي دل سرلا جي هن جريت جي تعريف ڪرڻ بنان رهي نہ سگهي. انسان کي زندگيءَ ۾ ايترو دنيادار بہ ٿيڻ نہ گهرجي جو جذبات ۽ آدرش لاءِ ڪا ڪمي ئي رهجي وڃي. هيءَ ڳالهہ سندر بہ مڃي ٿي. هيءَ حياتيءَ جي رستي جي هڪ اها جڳهہ هئي جنهن ۾ اِنهن سيني ڳالهين کان پري ٿي ڪري، ٿڌي دل ۽ دماغ سان غور ڪرڻ ۽ سوچڻ جي ضرورت هئي.

سندر، پنهنجي ٿيڻ واري پتنيءَ جي باري ۾ ڪيترائي خيال، دل ۾ ٺاهي رکيا هئا. هڪ عمر اَهڙي بہ اَچي ٿي جڏهن هرڪو ڇوڪرو يا ڇوڪري پنهنجي ٿيڻ واري ساٿيءَ بابت، پنهنجي پسنديءَ موجب هڪ تصوير ٺاهي ٿو. مرين ڊرائيو تي گهمندڙ جوڙن کي ڏسي، سندر بہ سوچيندو هو تہ هو بہ هن طرح گهمندو. پر ڪاريءَ جوءِ کي وٺي گهمڻ ۾ ڇا ڪيس شرم نہ ايندو؟ دوستن ۽ واقفڪارن کي ڪيئن منهن ڏيندو؟ سچي زندگي تہ جذبات ۽ آدرشن جي سک ڀري گود ۾ ويهي نٿي گذاري سگهجي! ڪيترا موقعا اهڙا بہ ايندا جڏهن هيءَ جذبات بار بار محسوس ٿيندي. هڪ نيس هميشه دل ۾ رهندي ايندي، جا وقت بہ وقت رکي رکي سندس دل کي ڏکا ڏيندي رهندي ۽ ان وقت آخر هو تنگ ٿي ڪري پنهنجو سمورو غصو سرلا تي ڇنڊيندو!

پر سرلا سان شادي سندس لاءِ لعنت نہ پر نعمت بہ تہ بڻجي سگهي ٿي! سرلا جي ڪاري بدن اندر، ناريل جي اندرين حصي وانگر صاف ۽ اُجلي دل بہ تہ ٿي سگهي ٿي، ليڪن ان جو مطلب اِهو تہ ٿي نہ ٿو سگهي تہ خوبصورت جي دل هميشه خراب ٿيندي آهي. جڏهن ٻنهي طرفن کان دلين جي باري ۾ اِهي شڪ آهن تہ پوءِ جسم جي خرابيءَ ۽ برائيءَ کي ڇو ٿو ورتو وڃي؟

اِهو خيال ايندي ئي سندس سامهون مرجهايل ڪليءَ وانگر، وساميل چٽنگ وانگر، ٿڪل ۽ هارايل سرلا جي شڪل اُڀرجي آئي جا چٽڪ تہ زبردستي مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سندر ڪئين دفعا اَهڙي خط لکڻ جو ڪارڻ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي، هنجي رڳ رڳ ۾ پريل بيوسيءَ کي پڙهڻ چاهيو ٿي! سندر جي دل جو ڪجهہ حصو پگهرجڻ تي هو تہ هڪدم هن پاڻ کي سنڀالي ورتو. حقيقي دنيا جو خيال ايندي ئي، هو ائين چئي واپس آيو تہ، ’پوءِ جواب موڪليو ويندو.‘

’پوءِ جواب موڪليو ويندو‘ واري ڳالهہ ۽ جواب سرلا ۽ سندس مائٽ

چڱيءَ طرح سمجهي سگهيا ٿي. سڀ ناپسنديدگي ڪرڻ وارا به ته ائين ئي چئي ويا هئا ۽ اُهو پوءِ جو جواب يا ته آيو ئي ڪين ٿي يا جيڪڏهن آيو به ٿي ته اَهڙو جنهن جو ڪو منڍ-سنڌ هوئي ڪين.

سندر جڏهن ڪان وٺي سرلا کي ڏسي موٽيو، تڏهن ڪان وٺي سندس خيال هڪ هنڌ بيٺا ئي نه ٿي. هن ڪاري ڪلوٽي ڇوڪريءَ سندس دل ۾ هڪ قسم جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو هو. هو ڪرسيءَ تان اُٿي سامهون واري دريءَ وٽ وڃي بيٺو. مخمل واري گاهه جي چادر پائي ڪشادي لان پري پري تائين ڦهليل هئي. ڪاش سندس منجهيل ۽ الجهيل خيال به ان طرح گڏجي سلجهي وڃن.

’ممي‘، وراندي ۾ ويٺل سندس پيڻ چيو، ’اَسان جي ڪاليج ۾ هڪ ڇوڪري آهي. اُهائي ڪانتا ممي، جا ڪيترائي دفعا اسان وٽ به آئي آهي ....‘

’ها .... ها .... ڇا سندس ڪٿي ڳالهه پڪي ٿي ويئي؟‘ ماڻس ڏيءُ کي وچ ۾ ئي ڪٽي سوال ڪيس. سندر ان گفتگوءَ تي ڪجهه ڇرڪ پريو ۽ ڪن لائي ٻڌڻ لڳو.

’ها ممي، اِهو ئي ته ٻڌائي رهي آهيان. هن ويچاريءَ جي ته قسمت ئي ڦٽي ويئي آهي. پنجاهه ورهين جي ٻڍي سان شادي طئه ٿي اَٿس. پهرين زال مان به ٻار به اَٿس.‘

’مائٽ ڪهڙا اَٿس، جو هنن اِهو رشتو منظور ڪيو؟ ويچاري ڏاڍي سلڇڻي ڇوڪري آهي. ڇا ڏسي هنن اِئين ڪيو؟‘ ماڻس سوال ڪيو.

’هوُ به ڇا ڪن؟ ٻيو ڪٿي جو نه ٿي ملين. هنن ته گهڻيئي ڪوششون ڪيون پر ڪنهن کي ڪانتا پسند اَچي ئي نه‘. ڀيڻس جواب ڏيئي تيزيءَ سان مشين هلائڻ لڳي.

’ها، نونهن جو رنگ - روپ ته هرڪو ئي ٿو چاهي‘، ماڻس ايترو چئي، رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

سندر وري ٻاهر دريءَ مان ڏسڻ لڳو. ٻاهر سائو سائو گاهه ائين ئي ساڳيءَ طرح ڦهليل هو. سندس خيال به ان وانگر وڏيڪ ۾ وڏيڪ پري تائين وچڙجي ويا، سندس الجهن به وڌي ويئي. هڪ گهرو ۾ ٽڏو ساهه کنيائين ۽ سوچڻ لڳو، ’سرلا سان به ته ساڳي ڪار ٿي سگهي ٿي. ايتري قدر نااُميد ٿي ڪري، سندس ماءُ پيءُ جي اَکيان ٻيو ڪهڙو رستو ٿيندو؟

اُهي هڪ ڏينهن، اَهڙي طرح ڪنهن پنجاهه- سٺ سالن جي ٻڍي سان ٻڌائيندس.‘

سرلا جي تصوير وري هڪ دفعو سندر جي اَکيان اُڀري - پنجويهه سالن جي سرلا ۽ سٺ سالن جو مڙس! ڇا ظلم آهي!! يا وري ڪنهن ڏينهن ڪيس ڪنهن نديءَ ۾ پاڻ کي اُڇلڻو پوندو يا ڪنهن زوردار زهر جو سهارو وٺڻو پوندو، .... اهڙو خيال ايندي ئي سندر جي بدن ۾ ڏڪڻي وٺي ويئي.

گپ ۾ ڦاٿل ماڻهو جيتري ڪوشش ان مان نڪرڻ جي ڪندو آهي، اوترو ئي وڌيڪ ڦاسندو ويندو آهي. ٺيڪ ساڳي حالت سندر سان به ٿي رهي هئي. ته ڇا هوُ سرلا لاءِ ’ها‘ ڪري؟ پر سندس خوابن جو ڇا ٿيندو؟؟ اُنهن بڻايل محلن جو ڇا ٿيندو؟ آخر سرلا لاءِ سندس دل ۾ ايترو جذبو ڇو آهي؟؟ هيءَ همدردي ڇا لاءِ؟ .... ۽ هو اِنهن سوالن ۾ منجهيل، ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهر نڪري، هلندو رهيو. قدم ازخود کڄندا رهيا. سوچ ڌارا ۾ نه وقت جو سماءُ ٿو پوي ۽ نه وري ڪنهن ٽِڪ جو. اِنهن ويچارن جون حدون به بيشمار آهن. جيڪڏهن هڪ ڳنڍ ٿي ٽٽي ته سوَ نيون ٿيون پئدا ٿين. اِنهن ڳنڍين ڳوڙهن کان ٽپو ڏيئي جڏهن سندر ٻاهر نڪتو ته سامهون سرلا جو گهر هو.

**M-404, Rlymens Apna Ghar CHS,
Jogeshwari (E), Mumbai 400069**

چٽاپيٽيءَ جي ٽيون نمبر ڪهاڻي
رِتو ڀاٽيا

# منهنجو پاس ورڊ گم ٿي ويو آهي

ها، جيئن ڪنهن به ڪمپيوٽر پروگرام جو پاس ورڊ گم ٿي وڃڻ کان پوءِ اُن پروگرام کي حاصل ڪرڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي يا سڄو سمورو ڪمپيوٽر لاڪ ٿي ويندو آهي، اَهڙي ئي حالت اَسانجي آهي. مون اَسان اَڪر اِنڪري واپرايو آهي جو مون جهڙيون ته هن ديش ۾ اَلائي گهڻيون بد نصيب ڇوڪريون هونديون جن جو محض پاس ورڊ گم ٿيڻ جي ڪري دنيا ۾ اَچڻ ناممڪن پيو ٿو ٿيندو وڃي.
ها، توهين صحيح سمجهي رهيا آهيو، مان ماءُ جي گرڀ ۾ رهيل ڪچو گرڀ ئي آهيان جنهنکي هن دنيا ۾ اَچڻ جو، اِنساني جيون ماڻڻ جو، قدرت ايترو ئي حق ڏنو آهي جيترو ٻئي ڪنهن به جيو کي. پر مونکان اِهو حق ڦرڻ وارا منهنجا پنهنجا ئي ماءُ پيءُ آهن سو به صرف ايتري ڏوهه جي ڪري جيڪو ڏوهه مون نه پر پاڻ اُنهن ئي ڪيو آهي. جو مان ماءُ جي گرڀ ۾ ڪچو گرڀ ٿي پلجي رهي آهيان. ۽ گذريل ڪجهه ڏينهن کان گرڀ ۾ رهي ڪري، سيني گهر وارن جا ماءُ کي چيل اِهي اَکر ٻڌي رهي آهيان ته تون هن مصيبت کان ڪڏهن ڇوٽڪارو ونديندءِ؟ رات ڏينهن صبح شام منهنجي ماءُ اِهي اَکر ٻڌي گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي رهندي آهي. ڇا منهنجي پيءُ، ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ کي ايتري به خبر نٿي پوي ته اَيمنيو وانگر ماءُ جي گرڀ ۾ رهندي، هي ڳالهيون سڄو ڏينهن ٻڌندي مونکي ڪيتري تڪليف پهچندي هوندي. مان ڪنهن کان انصاف گهرڻ وڃان.
غلطي ته قدرت کان ٿئي، يا منهنجي ماءُ پيءُ کان، اَڳئين دفعي

بہ ٿي هئي. جو هنن جي گهر ۾ هڪ Unwanted جيو جنم ورتو هو. ها منهنجي وڏي ڀيڻ جڏهن هن گهر ۾ پيدا ٿي ته به پريوار ۾ ڪو بہ خوش ڪو نہ ٿيو هو. پر تہ بہ من ماري، منهنجي ماءُ کي چار طعنا هڻي، سڀ چپ ٿي ويا هئا. پر هن دفعي ......، هن دفعي تہ سيني منهنجي ماءُ کيWarning ڏيئي ڇڏي آهي تہ روز روز ڪابہ غلطي معاف ڪا نہ ڪئي ويندي آهي. ۽ نہ ئي وري هر ڀيري Unwanted guest کي Wlecome ڪيو ويندو آهي. منهنجي نَنڍڙي، ڇئن سالن جي اَبهم، معصوم ڀيڻ کي بہ رات ڏينهن ڇيو ويندو آهي تہ تون پاڻ لاءِ ڀڳوان کان ڀاءُ گهرجانءِ متان پنهنجي مٿان ڀيڻ آندي اَٿئي.

چڻ اِهو سڀ ممي يا ڀيڻ جي هٿ ۾ آهي.

جي اِهو ممي ءَ جي هٿ ۾ هجي ها تہ پهرئين دفعي کان ئي ممي هينءَ سچو ڏينهن طعنا-ٽُنڪا ڇو ٻڌي ها؟ ڇو گرڀ پريکيا کان پوءِ رزلٽ ڄاڻڻ تي ممي هينءَ ڪنبي وڃي ها؟ ممي ءَ کي اِهو زوردار ڌڪو لڳڻ جو اَثر تہ مونتي بہ ٿيو، پر اِهو اَهڙو اَثر ٿيو جو مان ڪمزور ٿيڻ بدران وڌيڪ پڪي ٿي ويس. هار مڃڻ بدران، سامنو ڪرڻ جو نشچيہ ڪري ويٺس، تڏهن هن ڪاري اونداهي رات ۾ اَڄ مان ساري رات، ممي ءَ سان گڏ جاڳڻ تي چاهيان. مونکي ڊپ آهي تہ ڪٿي منهنجي شانت ٿي سمهڻ سان ممي بہ سُمهي نہ پوي. اِنڪري ئي هن ڪاريهري رات ۾، ٻاهر بادلن جي گجگوڙ، بجليءَ جي چمڪ، مون ۾ جڻ ساهہ ڀري رهي آهي. ممي ءَ ايتري وقت ۾ ڊرائنگ روم جا اَلائي ڪيترا چڪر هڻي ورتا آهن. اَلائي گهڻا گلاس پاڻيءَ جا پي ورتا آهن. اَڄ ممي ءَ لاءِ اِمتحان جي رات آهي. اولاد لاءِ هر اِمتحان ماءُ کي ئي ڇو ڏيڻو پوندو آهي. پپا تہ ممي ءَ کي صبوح هاسپيٽل هلڻ لاءِ چئي، ڏاڍي سڪون جي ننڊ سُمهي پيو آهي. پر ممي پريشان آهي.

هوءَ پنهنجي جان جي ٽڪر جي جدا ٿيڻ تي ڪيئن ٿي سُک سان سُمهي سگهي.

ممي ءَ جو تڙڦڻ ڏسي دل ٿي ٿئي تہ مان ممي ءَ کي معاف ڪري ڇڏيان؟ شايد ممي ءَ جي هٿن ۾ منهنجو جيون آهي ئي ڪو نہ؟ پر ٻي

دل چوي ٿي تہ هر ماءُ جي اِئين ساهرن ۾ پٽيءَ جي هٿ جي ڪنپٽلي ٿي، پنهنجون واڳون اُنهن جي هٿ ۾ ڏيئي پاڻ بہ اُنهن وانگر سوچڻ لڳي ها، تہ بڇيندڙي پال، ڪِرڻ بيدي، ڪلپنا چاولا ۽ سُنيتا پنڊيا ڪڏهن بہ جنم نہ وٺي سگهن ها. ڪا بہ ماءُ فخر سان ڪنڌ ڪڍي اِئين ڪيئن چئي سگهي ها تہ ها، هيءَ منهنجي ڌيءُ آهي.

ڇا ڏيئر هن طرح ماريندي ماريندي هڪ ڏينهن سنسار جو چڪر بند ٿي وڃڻ جهڙي حالت ڪانہ ٿي ويندي؟

ڇا منهنجي مميءَ وانگر هر ماءُ جي پنهنجي گرڀ جي ڌيءُ کي بچائڻ لاءِ ’آنچل ۾ دود اؤر آنکون ۾ پاني‘ واري حالت ڪانہ ٿي ويندي.

سنسار سڄو چوڻ لاءِ ئي ٿو خالي چوي تہ سنسار جي جنم ڏيندڙ اِستري آهي، تہ پوءِ هيئن گرڀ ۾ ڇوڪريءَ کي جو ماريو ويندو تہ ڇا سنسار ۾ پرش کي پرش جنم ڏيندو؟ خالي چوڻ لاءِ ٿو چيو وڃي تہ اِستري مهان آهي اِستريءَ جي پوڄا ٿي ڪئي وڃي. اِستريءَ کي رَنيا ۽ اَنپورڻا جي وقت ۾ ديوي چئي پڪاريو پيو وڃي، ڇا اَڄ اُهي سنسڪار سمورا ختم ٿي چڪا آهن. اِستريءَ جي بنا ڪوبہ هندو سنسڪار ڪو بہ هون اَڌورو مڃيو ويندو هو، ڇا اُهي سڀ مانيتائون بہ وسري چڪيون آهن. هيئن جي روز گرڀ ۾ ڇوڪرين کي ختم ڪيو ويندو تہ ڇا پنهنجو پاڻيهي هي سنسڪار ۽ مانيتائون بہ ختم ڪونہ ٿي وينديون؟

منهنجو دماغ اَهڙن گهڻن سوالن سان هر هر وابستہ پيو ٿو ٿئي. ۽ مون وٽ اِنهن سوالن جو ڪو بہ جواب ڪونهي. ڇا توهان مان ڪنهن وٽ اِنهن سوالن جو جواب آهي؟

چيو تہ ائين بہ ويندو آهي تہ ماءُ جو گرڀ ٻار لاءِ سڀ کان وڌيڪ محفوظ ۽ شانت ڏيڻ واري جڳهہ آهي، پر هي سڀ سوال مونکي گرڀ ۾ بہ شانتيءَ جي ننڊ ننڊا ڪرڻ ڏين.

ٻاهر بادلن جي گجگوڙ سان گڏ پوري جوش سان برسات بہ پئجي رهي آهي. بجلي بہ اَهڙو تہ رودر روپ ڌارڻ ڪري چُڪي آهي جو ٻئي گڏجي چون ٿا پيا تہ اَڄ نہ وسنداسين تہ ڪڏهن وسنداسين. اُنهن سان گڏ گڏ مميءَ جي هال ۾ ڇهل قدمي بہ تڪڙي ٿي ويئي آهي.

دل تي چوي تہ ڪجهہ گرپ جي هتيا ۾ ڪنهن بہ ماءُ جو شايد ڪو بہ هٿ نہ هوندو آهي، ڪا بہ ماءُ گرپ جي ٻار جي هتيا ۾ ذميوار نہ هوندي آهي. پر دماغ ٿو چوي تہ ڇو اِستري اَڄ بہ پرَ وَسِ آهي؟ ڇو اَڄ بہ ڪيس هيترو اَڳيان وڌي وڃڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجي باري ۾، پنهنجي گرپ جي ٻار جي باري ۾ فيصلو وٺڻ جو حق ڪونهي؟ اَڄ ممي پاڻ ڪمائي رهي آهي. ڇو ممي پاڻ دل مضبوط ڪري، منهنجي دشمنن جو سامنو نٿي ڪري. اُنهن جي مخالفت نہ ٿي ڪري؟ هوءَ پاڻ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي اِنڪري اَسانجو گذران هلائي سگهي ٿي اِنڪري مان ڪيس معاف ڇو ڪريان؟

جي باقي سڀ گهر وارا غلط آهن ۽ گناهہ ڪري رهيا آهن، تہ هينءَ خاموشيءَ سان غلط ڳالهہ جو ساٿ ڏيڻ تہ اُن کان وڌو گناهہ مڃيو وڃڻ کپي.

هاڻي ممي ٽڪل قدمن سان سوفا تي ويهي منهنجي مٿان، ها گرپ ۾ رهيل هڪ اَڻ وٽندڙ ڇوڪريءَ جي مٿان پيار ڀريو هٿ ڦيرائي پڻ پڇائي رهي آهي تہ، نہ ڏيءُ تون هن دنيا ۾ ضرور ايندينءَ توکي سنسار ماڻڻ جو هر حق آهي. چاهي پوءِ اُن لاءِ مونکي سڄي گهر جي مخالفت ڇونہ ڪرڻي پوي، مان هر ڳالهہ کي مُنهن ڏيندس. چاهي مونکي اُن لاءِ پنهنجي جان ٽُڪر، ٻنهي ٻارن سان اڪيلو ڇو نہ رهڻو پوي. هاڻ مميءَ جا ٿڌڙا هٿڙا مونکي سڪون ڏيئي رهيا آهن ۽ مونکي منڙي ننڊ جي گود ۾ سمائي رهيا آهن. ٻاهر بادلن جي گجگوڙ بہ اَچانڪ شانت ٿي ويئي آهي. ريلا ريلا ٿي وهندڙ برسات بہ هاڻي منڙي ڦوهار ۾ بدلجي چڪي آهي.

پنهنجي دل اَندر هڪ پڪو نشچو ڪري، ممي بہ هال ۾ ئي سوفا تي نڊال ٿي سُمهي رهي آهي. هينئر سندس سرير پلي نڊال آهي، پر سندس دماغ، اِرادا مضبوط آهن. قدم بہ ڏکڻ بند ڪري مضبوط ٿي چڪا آهن. لڳي ٿو مونکي منهنجو پاس ورڊ ليجي ويو آهي. توهان سان هن دنيا ۾ اَچي مان ضرور روبرو گڏجندس. توهان پيار ڀري نظرن سان منهنجي آجيان ڪندا نہ؟

**A-314, Apna nagar,**
**Gandhidham -370201**

لڪشمڻ ڏُبي جي ’اڃا ياد آهي‘ شعرن جي مجموعي تي
تبصرو/ اَرجن حاسد

# ’پپر سو پُراڻو اَڃا ياد آهي‘

شاعريءَ کي پنهنجا پيرَ، پنهنجي واٽَ، شاعر تہ وري پاڻ بہ اُڏامي تہ ذهن ۾ دنيا سڄيءَ جا بار بہ کڻي اُڏامي. هوا تي سوار تي پاڻ کي بہ هڪليندو هلي. عجيب روڳ آهي، هڻُ پٽُ آهي، اِها شاعري هرڪو شاعر چوي تہ مَلهَہ بہ آءٌ ئي ماريان، وڙهندس بہ ڪنهن سان ڪين. هئہ ڙي پَلوڙَ هئہ! توکي بہ اَلائي ڪهڙي خالق خلقيو آهي. چوين تہ خلقيندڙ بہ مان، سرجڻهار، رچناڪار بہ مان، لڪشمڻ بہ، لڇمڻ بہ مان.

هتي جو ڪجهہ بہ ٿيو آهي، ڏسي تپرس ۾ پيو آهيان
اُتي بهندس، مخالف تِي، اَلائي مان هليو ويندس

کڻي ڪو فرض آيو هان، هتي جڻ ڪن پناڻن جو
وَهِي تا عمر ٻانهو تِي چُڪائي مان هليو ويندس

لڪشمڻ بلڪل ئي سباجهو ۽ ديرينو آهي. ساراه تہ رڳو سائينءَ جي سونهين، باقي تہ سڀ جهڙا تهڙا. ’تي سگهيٺو، معتبر سهڻو لڳين.‘

غير هوندي پڻ مونکي پنهنجو لڳين
شل هميشه دوست ٺاهوڪو لڳين

پل غريبي سادگي هردم هجي
آدمي پر پو بہ آسودو لڳين

پاڻ کي منهنجن نگاهن سان تون ڏس
تي سگهي ٿو، معتبر سهڻو لڳين

سوَلا سوَلا شعر، پڙهڻ سان سک ٿو ملي. قافيا بہ ڏسو کھڙا کم آندا اَٿائين، شعر ۾ جڙيا پيا آهن، ڏيکاري بہ نہ ٿا ڏين، سمايل آهن. 'پنهنجو، ناهوُکو، آسودو، سهڻو.' معتبر بہ، سهڻو بہ، آهي تہ ڳالهہ ڏکي، ٿي سگهي ٿو، توهان کي کٽي وقتي سُجهندو هجي. آرسيءَ ۾ آئيني تي کيترا کيترا شعر پڙهندا آهيون. آئيني سان چرچا گهبا بہ ٿين، چرچون بہ ٿين. آئينو آهي ئي هميشه اُگهاڙو. چرين وانگر هرکو ان اوگهاڙي سان پيو ڳجها ڳجهہ اوريندو آهي.

مايوسيءَ ۾ سمهي پوڻ سان
جل بڻجي ويو آهي درپَڻُ

'مايوسي' وڏي پونجي آهي، شخص کي جل جهڙو نرمل ڪومل، پاڻ کي آرپار ڏسڻ جهڙو بڻائي ٿي. اَهڙو درپڻ، صرف جل آهي. جل کي ڇهاءُ آهي.

اَگر ٻڌو ٿا، ڏيان سان ٻڌجو
ڇو تہ ضروري آهي سَمجهڻُ

سمجهہ ۽ سمجهڻ جو مسئلو آد ڪان آهي، هرڪنهن سان آهي. گرنٿپڙهو ، گيان جون ڳالهيون ٻڌو، 'پرنتوُ اَرِٿاتِ'، اهي بہ لفظ، انيڪ انيڪ دفعا، تڙيا پکڙيا پيا آهن. اِها تہ يگن يگن جي ڳالهہ آهي، ڏاڍي ڏکي. هن ميڊيا جي يگ ۾، Globalisation جي آڙ ۾، ڪير ٻڌي ئي ڪونہ ٿو، ٻڌي نٿو تہ سمجهندو ڪيئن!

شايد سمجهہ رکان سالم
سڀ ڪجهہ سمجهڻ تائين مان

جيئندس يٽڪڻ تائين مان
تو وٽ پهچڻ تائين مان

هن ديش جو پتا مهاتما گانڌي پنهنجا ٽيئي باندر هتي جيئرا جاڳندا ڇڏي ويو آهي. پتا تہ وارثن کي گهڻو ڪجهہ ڏيئي ويندا آهن. ٻاپوءَ جا اُهي ٽيئي باندر هتي وڏي ويچهي رهيا آهن، ٻيو سڀ سک آهي.

ڪارا، تنهنجو نالو ڪٽندي
اُجرو ٿي پيو منهنجو دامن

منهنجي لاءِ عبادت آهي
دنيا لاءِ ڪوِتا آهي فن

لڪشمڻ هميشه سڌو ڳالهي، ٺلهو ڳالهي. شاعر ويچاري کي اَچي ڇا ٿو، ڇوي تہ جيڪر ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿورو ئي ڏيئي وڃان، ڪجهہ ڪونهي تہ ٿورو شعوُرُ ڪا سِڪَ، ڪا وطن جي حُبَ ئي ڏيئي وڃان. شاعر وٽ احساسَ وشواسَ ۽ وِسوِسا.

هڪ اَمر اِتهاس جيِ، اعليٰ زبان پلجي وڃن
سنڌ وارا هاڻ سنڌيءَ کي متان پلجي وڃن

شل نہ ويچارن تي روٽيءَ جو اثر ايڏو پوي
جو ڇٽيل تنهنجا نہ، گهرُ - بابو - اَمان پلجي وڃن.

تون هنن جي حوصلي جي ايترو آڌو نہ اَچ
عمر پر لاءِ چنڊ تارا، آسمان پلجي وڃن

ماءُ سان پيار، زبان، ٻوليءَ سان پيار، ڌرتيءَ سان پيار، هر شخص جي وجود، ذهن جا اَنش عناصر ساڳيا ئي ساڳيا، فطرتي آهن. اُهي بہ، روٽيءَ جي فڪر، يا وري وڏي ماڻهو بڻجڻ جي رياض ۾ پور پور ٿيو وڃن. پوءِ آهي ڪَسَ ڦُرَ، جيڪي بہ هٿ چڙهي. چنڊ تارن جو آسمان بہ وڃن ٿا ٻَرڪائيندا. ڪيڏو نہ هڻُ، ڪيڏو نہ گهمنڊ، انسان ڪيڏو نہ مهان آهي.

ياد تنهنجيءَ ۾ هجان ۽ پير ٿابڙجي وڃي
ڪو نہ ٿابو زندگيءَ ۾ روشني ٻُجھي وڃي

ٿابو اَچي تہ ڇئون اِها تنهنجي سَنيار هئي، نہ اِها تنهنجي سَنوارَ هئي. ڪا بہ چترائي ڪم نہ ٿي اَچي، جيڪا ڳالهہ چوڻي اَٿس، شاعر صدين کان بس اِها ڳالهہ چوڻ جي فڪر ۾ رهيو آهي. پِلا توهان ٻڌايو تہ ڪيئن چئجي. ڳالهہ نہ سڌي هوندي آهي نہ اُبتي، انڪري زبان تي اَچي ڪانہ. ڪي چون اِها ڳالهہ اڪيون چون، ڪي ان لاءِ چپن جي پڙ پڙ ڪي منت ڪن، ۽ ڪي ويچارا موڳا، ماٺ جي شرڻ وڃن. ماٺ ڪڏهن ڪڏهن ڪم جي ڳالهہ بہ ڪري بہ وجهندي آهي. ڪي گونگا گڏجن، تہ واچوڙا پانءِ پانءِ ڪندا ورائي وڃن، آسمان گرجي تہ وڏ ڦڙا وسن.

ڳُلَ سان چنبڙيل، هڪ تتليءَ کي جدا ڪري ڏس،
اي آنڌي، تو وٽ ڪيڏا ڪيرايا هوندا

ٽڪرا ٽڪرا ڪري مونکي جاچيو هونداَئون
تڏهن ٻٽيا منهنجي باري ۾ رايا هوندا.

شاعري فن بہ آهي، فڪر بہ آهي. اوٽايون جاچيندا تہ نڪري بہ ايندين. هرڪنهن وٽ منطق آهن، Arguements آهن. اَبوجهائي ڪنهن ڪنهن وٽ هوندي آهي. Spontaneous بي خوديءَ واري شاعري، شعور، لاشعوُر، تحت الشعوُر، ڪجھ بہ Prefect نہ آهي، هئڻ بہ نہ گهرجي. اُتي اَچي، اڳتي وک نہ کڄندي آهي، پر پرڪرتي، ڪائنات، برهماند گتيشيل آهي. دل بہ تہ ڌڙڪڻ بند نٿي ڪري.

او عاقل شهري، شهزادا
پيچ نہ پائج ڳوناٽيءَ سان

جنهن چوڏس جو چند گهريو آ
ڪين پرچندي آڪاٽيءَ سان

’اَڄا ياد آهي‘ لڪشمڻ ڏُبي جي شاعريءَ جو مجموعو آهي، پهتو اَچي تہ پڙهڻ کي لڳي ويس، سڀ ڪجهہ هئو، گهٽو گهٽو، پر ڪٿي ڪٿي، سوچيم تہ ڪير Perfect آهي، ڪير آهي، هجي بہ ڇو، جڏهن اَڄا اَڳتي اَڳتي لڪندو رهٽو آهي، تہ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن ڪند وٽ تہ پنهنجيءَ غلطيءَ کي بہ رکي اڳتي وڌون، جيڪا سفر تان موٽندي اَچي، ڪيسي ۾ وجهي، سنواري چنڊي ڦوڪي ڪٽي ويندا سين، هتي وري بہ تہ ورٽو ئي آهي.

شاعريءَ جو لطف ورلا شخص ئي پائي سگهيا
هڪ دفعو احساس جي هن تازگيءَ کي پڻ ڏسو

وڏ ڪٿي پڻ ڪانہ آهي، پاڻ سان پرچي ڏسو
سڀ صحيح ٿيندو رهيو آ، بس ذرا ترسي ڏسو

جدت، Modernity جي دوڙَ ۾، موهہ ۾ الڳ بڻجڻ جي چاهنا ڪٽي، اڄ ڪلهہ شاعر پنهنجي سياءَ جي سادگيءَ کي، پاڻ کان، الائي ڇو ڪسي ونڻ ٿو چاهي. Pattern نئون اُٿڻ سان ڪجهہ بہ هروُپروُ نئون نٿو بڻجي. ها، البت مونجهارا ئي پنهنجا روپ بدلائي ٿا وٺن، پوءِ آهي Compromise ڪرٽو، اَڏُ هتي، اَڏُ هتي. ادب جي هر صنف ۾ ائين ٿيڻ لڳو آهي، مان ڏسندو آيو آهيان تہ ٻين ٻولين وٽ بہ چڪر ساڳيو ئي آهي. شاعر هوند پنهنجي سياءَ ۽ پنهنجيءَ پسند choice کي سمجهي، شعر جي سونهن کي سمجهي، لکندو رهي تہ Satisfaction ماڻي سگهندو. لڪشمڻ پنهنجي ٻوليءَ ۽ وهنوار سان شعر لکي ٿو :

لکل رهن ٿا ڪئين شخص، شخص جي اندر
تڏهن تہ شخص کي يارو وري وري ڏسجي

ڇون ٿا خاڪ ۾ داٽو ملي ملوُڪ بڻيو
هجي نصيب جي، جيئري ئي شل مري ڏسجي

غمن ۾ آدمي انسان ٿو بڻي لڇمڻ
اي ڪاش، درد جي ڏرتي هري پري ڏسجي

وشيہ، ڪهڙو بہ هجي، لڪشمڻ جو مخصوص پنهنجو لهجو آهي. توهان کي معصوم ٻار وانگر لڳندو.

پوءِ پيا ڳوڙها ڳاڙيون
ڪوئي ايڏو وڏي متان

سوچيو آ پيءُ، مون جهڙا
گهر وارِي، ڦر چڙي متان

ڪوڙا ڏاهن کي ڏاڙهن
يارو اِئن پڻ بڻي متان

ٽي اَلڳ الڳ درشيہ آهن، چتر آهن. ماترائن تي بہ غور ڪيو، ڪٿي بہ ڪا هڪ ماترا بہ هيڏي هوڏي گهٽ وڌ ڪانهي، چوڏهان ماترائون. ڪوبہ الجهاءُ نہ، Smoothly لس لس ئي شعر پڙهو.

جي فن جي ڳالهہ ڪيون تہ بندش جي ڳالهہ تہ ڪرڻي آهي، بندش آهي Behaviour، ڪيئن ڪنهن سان ورتاءُ ٿا ڪيو، ڪيتري تميز آهي توهان ۾، ان تميز سان ڪنهنجو آءُ آدر بہ ٿيڻ گهرجي، لفظن سان توهانجو ڪهڙو سنبنڌ آهي، ڪيتري پنهنجائي آهي. ڪنهن کي پير ۾ ويهاري، آگر سان ڇهڻ چاڻو ٿا. چرچ ڪجي تہ بہ ڪتڪتائيءَ وانگر، Treatment تا عمر تائين ياد ايندي رهندي آهي. لفظن جو ٻانهون ٽنگون، هٿ پير مروڙيندا تہ ڪير توهان وٽ ايندو، اهڙا لوُلا لنگڙا شعر ڪير پڙهڻ پسند ڪندو، خيال تہ توهان جا هماليہ جيڏا، برف جي چلڪي جهڙا تجلا ڏيندڙ پر حرف حذفُ ٿيل، شعر پڙهڻ ئي ڏکيا. هيٺ ڪجهہ شعر آهن، لڇمڻ ڪٿي بہ هڪڙو حرف بہ

حذف نٿو ڪري، ڪائي نٿو. علم عروض جو ڪو بہ رُڪُنُ ضربيل ڪونهي.

بنا اظهار جذبي جي، اُمالڪ ئي ٺري ويندس
ڪسي ڏس تون قلم مونکان، ڏسج پاٽڻَن مَري ويندس
جهنم ئي هجي چاهي، مگر جيسين ڏنو ناهي
ڪري ڏس تون منع مونکي، مگر مان اُت وري ويندس

خواهشون آيون، نہ مان موٌجود هوس
اِئن بہ ٿيندو آ دعائن جو اَثر
لڪشمڻ جي شعر ۾ شامل ٿئي
شل ستايل جي صدائن جو اَثر

رات ٿيندي ئي ستارا جڳمڳايا
جڻ ڏِسائن درد جا ديپڪ جلايا
جي پڇو ٿا ڪو سبب، مان ڇا ٻڌايان
بس ائين ئي لڙڪ اکڙين تي وهايا

سادگي خود ۾ وڏي برڪت آهي، سلاست ٿا اُن کي سڏن.

مون گلن جو اگهہ پڇو هو باغبان کان
باغ ۾ بازار کي پو مون ڏٺو هو
هن گهريو آهي سمورو يا نہ ڪجهہ پيي
من ٻڌيو جڻ ڇيڳرو ڪو ڇوڪرو هو

اَچو تہ ڳوٺ هلون، پنهنجو گهر بہ ڏسي اَچون، يارن سان بہ ڳڏجي اَچون اُتي هڪڙو ٻڍڙو آهي، آسيس وٺي اَچون.

گهڙياسين تہ گهر ۾، رکيائين مٽي تي ٿي آسيس جو هٿ
آسان جي اَڱڻ ۾ پپر سو پراڻو اَجان ياد آهي

اَڌورو - سڌورو اُهو يارُ منهنجو جهمت ۽ خميسو
ڪڏهن پارسا ۽ ڪڏهن عيب هاڻو اَجان ياد آهي

اَجهل تنگدستيءَ جي اُلجهن ۾ قاتل هي ايمان منهنجو
وڪيو مون ڪٽي جنهن بہ اَگهہ ۾ وڪاڻو اَجان ياد آهي
جڏهن عشق جي وات جو ٿي پڇو مون، اکيون تو جُهڪايون
حيا ۾ ٻڏل سو نگاهن جو ناڻو اَجا ياد آهي

سچي عمر سي عاشقيءَ جو اَدائون نہ سمجهي سگهيس مان
ڪڏهن ها ڪڏهن نا، ڪڏهن ڪوئي ماڻو اَجا ياد آهي

پلي ڪوبہ سمجهي، شاعري تہ هرگز نہ سمجهي.
اَسانجو يگ، Money Market آهي. ٻولي بہ اُها هڪ ئي هرڪو ٿو سڃاڻي، Money Language هاڻي Fair sex، جنس لطيف جو بہ ملهہ ڪٿڻ لڳا آهيون. نياڻي سياڻي، سونهن ۽ سُرهاڻِ ڪي ڪٿي ٿا سڃاڻون.

هرڪا نظر وِساڻي آهي
گهر ۾ جائي نياڻي آهي

سک سنتوش اَٽس ڇهري تي
ڪا تصوير پراڻي آهي

جوت درد جي ٻرندي رهندي
اَجا نظر ۾ پاڻي آهي

ڏس شبدن جا ڳهٽا پائي
ويني ڪوتا راڻي آهي

يادون ڳوڙها، درد وڇوڙا
هر ڪنهنجي آڪاڻي آهي

جڻ تہ اَسانجي جيوت لڇمڻ
سوُرن جي سمجهاڻي آهي

سوُرن کي سمجهڻ لاءِ آهي ماڻ. مان پاڻ کي خاموش رهڻ لاءِ ڪيئن مڃايان، توهان ٺڪا تہ ڪونہ آهيو. گڏجي هلندا تہ موَج ماڻيندا سين، لطف وٺنداسين، اَڃا تہ اَڳتي گهڻو ڪجهہ آهي. ۱۰۹ غزل، پوءِ دوها ۽ بيت بہ آهن. شاهہ سائينءَ اَسان کي ڪلاسيڪل ادبُ پيت ۾ ڏنو آهي. بيتُ سنڌي شاعريءَ کي، شاهہ پٽائيءَ وٽان مليل سوغات آهي. دوها آهن سنت ڪبير سان سڃاڻپ. پر وري ڪنهن ٻئي دفعي.

**68, Neel Kanth Society No.1**
**P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428**



برک سنڌي ڳايڪ شري چندرو حشمتراءِ چئناڻي ’آتما‘
(جنم : ۱۷-۹-۱۹۳۸) جي ديهانت ( ۱۳-۴-۲۰۰۹) تي
۽
برک ڳايڪا ڪملا اَرجن ڪيسواڻي
(جنم : ۲۸-۸-۱۹۳۴) جي ديهانت
(۹-۵-۲۰۰۹) تي اسين سنڌن
ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي سانسڪرتڪ
جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.



سنڌالاجي پريوار

## توهان طرفان

### منوهر نهالاڻي (اَحمدآباد)

رچنا جو آڪٽوبر-ڊسمبر ۲۰۰۸ انڪ پهتل آهي. ڪور پيج تي شري لڇمڻ هردواڻيءَ جو فوٽو ڏسي خوشي ٿي. مونکي ايتري خبر آهي تہ هو صاحب انواد ڪاريہ ۾ ماهر آهي مگر مخزن اندر سندس واقفيت پڙهڻ تي پتو پيو تہ سندس اصلوڪي سنڌي ساهتيہ ۾ بہ چڱو چوکو يوگدان آهي.

سمپادڪي ليک 'هڪ نئون ورق' پڙهيو، جنهن ۾ سنڌالاجيءَ جي ڪاريہ تي ۽ پوءِ سرڳواسي ڪرشن کٽواڻيءَ تي ٿيل سيمينار جي رپورٽ ڏني ويئي آهي. پر صفحي پهرئين تي توهان لکيو آهي 'نوان ليکڪ ۽ پاٺڪ پيدا نٿا ٿين' اُها ڳالهہ مان نہ مڃيندس، اَسان وٽ اَحمدآباد ۾ مهني جي هر ٻئي آرتوار تي ٿيندڙ اَدبي ميڙ ۾ نوان اُسرندڙ شاعر اَڪئين ڏسان پيو ٿو. شعر وڀاڳ ۾ واسديو موهيءَ جو غزل ۽ ڪيمن مولاڻيءَ جا هائيڪو وڌيڪ پسند پيا.

### جئرام چمناڻي 'ديپ' (اَحمدآباد)

رچنا ۱۲۱ اَنڪ پهتو. نوجوان اَديب ڪلاڌر مُتوا جي ڪور تي تصوير ڏسي دل ڏاڍي گد گد ٿي. توهان کي شاباس آهي. نوجوان اَديبن کي اَڳتي ڪريو ٿا. ويتر ڪلاڌار تہ اُنهيءَ عزت جي لائق بہ آهي. توهانجو ليک 'فاحشپڻو-اَشليلتا' - ڪافي فاحشپڻي جي وصف تي روشني وجهي ٿو ۽ طالباني عناصرن جي ڳل تي چماٽ هڻي ٿو. اَرجن حاسد جو طنزيہ گيت سنڌي جنتا کي للڪار آهي. پريم پرڪاش جون ڪوتائون دماغ کي هٿوڙا هڻن ٿيون. توهان جي تصويرن ۾ مال جام آهي. جيڪڏهن ۱۱، ۱۳، ۱۱ ماترائن تي لکيون وڃن تہ سوني تي سهاڳو ٿي پونديون. ماترائن جو ضبط رکڻ ضروري آهي. شري واسديو موهي ۽ ٺارو گرناڻيءَ جا غزل بہ وڻيا. ڪلاڌر مُتوا جي ڪهاڻي 'ايرڪا' سنڌيت جي پوري خوشبو کڻي آئي آهي. جڻ تہ هيءَ ڪهاڻي ڪنهن سنڌ جي اَديب لکي آهي. ٻولي مني ۽ ذاعقيدار آهي. ڪردارن جا نالا سنڌ جي

ڳوناٽن جي نمائندگي ڪن ٿا. هن ۾ طبقاتي ڪشمڪش بہ ڏيکاري وئي آهي. ڪهاڻي پڙهڻ وقت، پاڻ سان جڪڙي رکي ٿي. ڪهاڻي ’خوف جو احساس‘ بہ پسند پئي. ستيش روهڙا جي ليک ۽ توهان جي تبصري ’گوورڌن پارتيءَ جو ناول‘ ’سور جو سوَ صورتون‘ بہ ڪافي دماغ کي مُتاثر ڪيو.

ڪرشن هيمراجاڻي (بمبئي)

رچنا ١٢١ اَنڪ مون کي ڪالهہ ويهين تاريخ تي مليو. يعني ڏيڍ بہ مهينا گذري وڃڻ کان پوءِ! ايترو دير سان ڇو ٿا پرچو ڪڍو؟ ڪڏهن گاڏي ٽرئڪ تي آڻيندا؟

مکيہ پرشٽ تي شري ڪلاڌر مُتوا جو فوٽو ڏنل آهي. هيءُ نالو مون پهريون ڀيرو ٻڌو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ ڪيترائي عمدا ساهتڪار آهن، جن جي ڄاڻ ڪانهي، تہ هنن ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪم ڪيو آهي. اها ڄاڻ رکڻ نهايت ضروري آهي. پهرين پُرسڪار کٽڻ لاءِ واڌايون.

ڊاڪٽر ايس. ڪي. پنڌشي (اَمراوتي)

رچنا جو جنوري-مارچ ٢٠٠٩ پراپت ٿيو.

توهان جو سمپادڪيہ فاحشپڻو-اَشليلتا ڏاڍو سٺو لکيل آهي. سماج ماڻهن سان ٺهندو آهي ۽ سندس ڪجهہ Basic Values and duties آهن.

هينئر ويجهو اکشيہ ڪمار هڪ ڪاريہ ڪرم ۾ پنهنجي بيويءَ کان جينس جو بٽڻ کولايو هو. ڪيتري نہ شرمناڪ ڳالهہ آهي. ۽ نئين پيڙهيءَ لاءِ گهاتڪ.

توهان سٺو Editorial لکيو آهي. واڌايون!

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

---

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology at Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir Adipur (Kachch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

With Best Compliments of

***Notan Tolani***

**SOLAR**

SOLAR TIME LTD.

⌘

**P.O. Box : 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd. T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : solar@solartimeltd.com**

*With Best Compliments of*

**JAISU SHIPPING COMPANY PRIVATE LIMITED**
**&**
**JAISU DREDGING AND SHIPPING LIMITED**

**(Only Indian company as Platinum member of PIANC)**

**Ship Owners, Charterer, Dredger Owners and Contractors,**
**Floating Dry Dock Owner and operator, Marine Contractors, Bunker Supplier,**
(Only Shipping Company Supplying Bunkers at Offshore in Gujarat Ports through Own Seagoing Barges)

Main Office :
'Kewalramani House',
Dinshaw Building Road,
Near Custom House,
Kandla Port. (Gujarat) India 370 210
Website : www.jaisu.in

Contacts :
Phone : (02836) 270538 / 270428 / 270128
Fax : (02836) 270556 / 270650 / 260389
Resi. : (02836) 260224 / 260235 / 260295
e.mail : jaisu_dredging@yahoo.com / jaisu_shipping@yahoo.com
e.mail : mail@jaisu.in
(Pritam Kewalramani) 098796 10302 / (Vishin) 098242 00428

# سنڌالاجيءَ جا ڇپايل ڪتاب وڪري لاءِ

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور جي طرفان ڪي ناياب ملهائتا ڪتاب سنڌي ٻولي، ساهت ۽ ڪلچر جي وشين تي ڇپايل آهن، جن مان ڪي ٿورا ڪتاب انهن سنسٿائن، لئبررين ۽ شخصن لاءِ رعايتي قيمت (٥٠ سيڪڙو لاٽ) تي موجود آهن جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڪاپين جو آرڊر موڪليندا.

رقم مني آرڊر/ڊرافٽ ذريعي سنڌالاجيءَ جي ائڊريس تي اَڳواٽ موڪلڻ سان ٽپال خرچ نہ ورتو ويندو.

| ڪتاب | ليکڪ | قيمت |
|---|---|---|
| ١. سنڌي ڏڻ | ڪشنچند جيتلي | ڇهہ روپيا |
| ٢. سنڌي ريتيون رسمونءَ رواج | پوپٽي هيراننداڻي | ويهہ روپيا |
| ٣. سنڌ جا سنت ۽ مهاتمائون | وليرام ڪشناڻي | ٽيهہ روپيا |
| ٤. جائزو | سمپادڪ هري دلگير | ٽيهہ روپيا |
| ٥. سنڌي ڪڇي لوڪ سنسڪرتي | سمپادڪ لکمي کلاڻي | چاليهہ روپيا |
| ٦. سنڌي نثر جا ٿنڀا | سمپادڪ لکمي کلاڻي | چاليهہ روپيا |
| ٧. سنڌي ڪٿا ساهتيہ | نامديو تاراچنداڻي | سٺ روپيا |
| ٨. مٽيءَ جي مهڪ (ڪهاڻيون) | لکمي کلاڻي | سو روپيا |
| ٩. ترنڊز بادل (ناول) | ڪرشن کٽواڻي | سو روپيا |
| ١٠. سنڌي ناٽڪ جي اوسر | پريم پرڪاش | ٻہ سو روپيا |


**Sale Unit**
**Indian Institute of Sindhology,**
**Ward 4-A Adipur (Kutch) - 370205**
**Phone : (02836) 263851, 261569**
**E-mail : contact@sindhology.org**



**Visit our upgraded website: www.sindhology.org**